ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 11 آڪٽوبر 2026ع 28 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (57)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 11th October 2026

تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي ذميوار ۽ طالبان آئيڊيالاجي تي ڪم ڪري رهي آهي: وفاقي حڪومت

ٻه ٽي آءِ دهشتگردن جي سهولتڪار آهي. تحريڪ انصاف دهشتگردن کي خيبر پختونخوا جي رهائشي آبادين ۾ آٽي آباد ڪيو. احتجاج ۽ ڌرڻن سان قيدي جي آزادي نه ٿيندي: وفاقي وزير اطلاعات

گذريل 13 سالن دوران صوبي ۾ گورننس ۽ ترقي بدران سياسي ڏيڍ ڪي هٿي ڏني وئي. خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي ڪارڪردگي ڏٺي وڃي ته گورننس جي حوالي سان سندس ڪارڪردگي ٻڙي آهي

پي ٽي آءِ جو باني چيئرمين وزيراعظم هو ته منجهند جو 12 وڳي هيليڪاپٽر ذريعي آفيس ايندو ۽ شام جو 5 وڳي گهر هليو ويندو هو. ڪيس ايڪسچينج ريٽ جي خبر ناهي ۽ ڪيس سندس گهر واري ٻڌائيندي هئي

خيبر پختونخوا هڪ زماني ۾ اسان لاءِ فخر جوڳو صوبو هو، جتي سڄي دنيا مان سياح ايندا هئا ۽ سياحتي ماڳن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. صوبو امن جو گهوارو هو. هر لحاظ کان مثالي سهولتن وارو صوبو هو

وفاقي حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ قبول رليف اسڪيم متعارف ڪرائي، جنهن مان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. هي اسڪيم ڪاميابي سان جاري رهي

ڪي پي ڪي جو عوام غربت، صحت جي اڻهوند، معياري تعليم جي اڻهوند سبب مشڪلاتن جو شڪار آهي. روڊن، پلن، انبار پاسي ۽ ٻين بنيادي ڍانچي جي ترقي نه هجڻ سبب عوام محروميءَ ۾ جڪڙيل آهي

ڪي پي ڪي جي عوام کي ڏکيائين ۽ محروميءَ ۾ مبتلا ڪري ڪنهن قيدي جي آزادي ممڪن ناهي. آخر هي نظام ڪيترائي هلي سگهي ٿو؟ هر وقت ڏنڊو، تشدد ۽ گارگند جي سياست نٿي هلي سگهي: عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردي جي ذميوار تحريڪ انصاف آهي جيڪا طالبان آئيڊيالاجي تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ دهشتگردن جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گورنر راڄ جي ڌمڪين کان نه ڊڄنداسين، هاڻي وڙهه ڪرسيءَ نه پر پختونن جي حقن لاءِ آهي: سهيل آفريدي

هاڻي تحريڪ رڳو اقتدار يا ڪرسيءَ تائين محدود ناهي رهي، پر پنهنجي اڳواڻ ۽ پختونن جي حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

11 آڪٽوبر تي سڄي ملڪ مان ڪارڪن صوابي پهچندا، 13 آڪٽوبر تي صوابي ۾ تحريڪ جي ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو

اسان کي ڪير به خريد نٿو ڪري سگهي. اها آئيني ۽ قانوني دائري ۾ رهندي پرامن سياسي جدوجهد آهي. اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين

چارسدا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي چيو آهي ته گورنر راڄ جي ڌمڪين کان نه ڊڄنداسين. هاڻي تحريڪ رڳو اقتدار يا ڪرسيءَ تائين محدود ناهي رهي پر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

انجنيئر امير مقام ۽ فيصل ڪريم ڪنڊي ۾ ملاقات، سياسي معاملن تي ڳالهيون

اڳواڻن پاران امن امان جي صورتحال، لانگ مارچ ۽ ٻين اهم سياسي معاملن تي ڳالهايو ويو

وفاقي حڪومت صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ عوامي ترقي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي: ٻنهي ۾ اتفاق

پشاور (اي پي پي) ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ۽ خيبرپختونخوا جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ترڪي لاءِ نامزد سفير آمنه بلوچ جي ملاقات، نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ توانائي، روڊن ۽ پاڻي سميت مختلف شعبن ۾ 11 ترقياتي منصوبن جي منظوري

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ايڪنڪ جو اجلاس ٿيو، منصوبن کي مقرر وقت تي مڪمل ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد ۾ ڪنگ سلمان بن عبدالعزيز آل سعود اسپتال جو قيام ۽ قومي فرانزڪ ايجنسي لاءِ لائبريري جي به منظوري ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي (ايڪنڪ) سڄي پاڪستان ۾ توانائي، توانائي، روڊن، پاڻي،

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

غريبن جي مدد کي خيرات چوڻ غريب دشمن ۽ منافقاڻي سوچ جو مظهر آهي: شرجيل ميمڻ

غريب عورتن ۽ ضرورت مند خاندانن جي مدد ڪرڻ تي طعنا ڏيڻ افسوسناڪ عمل ۽ غريبن کي ٻن ويلن جي ماني ڏيڻ تي سياست ڪرڻ به حمي آهي

حافظ نعيم الرحمان سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ غريبن جي امداد کي تڪراري نه بڻائي، غريبن جي مدد ڪرڻ تي طعنا ڏيڻ سان غربت ختم نٿي ٿئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جماعت

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو مولانا فضل الرحمان کي فون، ملاقات جي دعوت ڏني

خيبر پختونخوا حڪومت سان چڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مولانا فضل الرحمان سان ٽيليفون تي رابطو ڪري عمري جي ادائگي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ: ڪرائسٽ چرچ ۾ فائرنگ ۽ تشدد جي واقعن ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي ڏاڪٽين

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حقن کان محروم قومي وحدتن کي وفاق کان ڌار ٿيڻ جو آئيني حق ڏنو وڃي: سينيٽر ثناءُ الله بلوچ

وفاقي اختيارن ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه سان ناانصافي ٿي رهي آهي

سنڌ ۽ بلوچستان جا قدرتي وسيلا انهن جي حق حاڪميت سان جڙيل آهن. تيل، گئس ۽ بجلي تي سنڌ جو پهريون حق آهي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري) بلوچستان نيشنل پارٽي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: بلوچ اڳواڻ ثناءُ الله بلوچ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، منظوري لاءِ اڄ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب

صدر آصف زرداري سان وزيراعظم جي ملاقات، ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ تي اتفاق

صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ سان وزيراعظم محمد شهباز شريف ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي ۽ ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ايمرجنسي دوران پارليامينٽ کي ڪنهن صوبي يا ان جي ڪنهن حصي بابت قانون سازي ڪرڻ جو اختيار هوندو. آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت جا انتظامي اختيار وڌي ويندا

صوبائي اسيمبليءَ جا قانون سازيءَ وارا اختيار به مڪمل طور ختم نٿا ٿين، پر صوبائي قانون ۽ پارليامينٽ جي قانون ۾ ٽڪراءُ ٿئي ته پارليامينٽ جو قانون لاڳو ٿيندو ۽ ان سان ٽڪراءُ ۾ آيل صوبائي قانون غير اثرائتا ٿي ويندا

آئين جو آرٽيڪل 234 صوبي ۾ آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ سان لاڳاپيل آهي. ان تحت گورنر صدر کي رپورٽ موڪليندو ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن مان الڳ الڳ ٺهراءُ منظور ٿين ته صدر گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهي ٿو

آرٽيڪل 234 تحت صدر صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪجهه اختيار پاڻ سنڀالي سگهي ٿو يا گورنر کي ڏئي سگهي ٿو. پر هاءِ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالڻ يا گورنر حوالي ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو

ايوان صدر ۾ خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت ٿيل اجلاس دوران صوبي ۾ امن امان ۽ سيڪيورٽي بابت گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي طرفان موڪليل رپورٽ جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، جڏهن ته ان جي منظوري لاءِ اڄ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي منظوري لاءِ پارليامينٽ جي ٻنهي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف جي آذربائيجان جي صدر سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي اڳواڻن جو سياسي هم آهنگي کي اقتصادي ۽ واپاري حصيداري ۾ بدلائڻ تي اتفاق

پاڪستان ۽ آذربائيجان جا لاڳاپا اهم قومي مفادن جي معاملن تي ڀرپور حمايت سان ٻڌل آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ جمهوريه آذربائيجان جي صدر الهام عليوف ٻنهي ملڪن وچ ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد آءِ ٽي پارڪ جي قيام جو ڪريڊٽ وزيراعظم ڏانهن وڃي ٿو: شزه فاطمه

پارڪ جي تڪميل وزيراعظم شهباز شريف جي حمايت ۽ رهنمائي سان ممڪن ٿي

مقامي سطح تي تيار ٽيڪنالاجي سالوشنز جي ترقي جي حوصلا افزائي لاءِ ٺاهيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سي ٽي ڊي جو وڏو آپريشن، ڀارتي حمايت يافته 10 دهشتگرد مارجي ويا

بارخان ضلعي جي "راڙا شام" واري علائقي ۾ اطلاع تي هڪ انٽيليجنس آپريشن ڪيو ويو

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان ۾ آپريشن ردالفساد-3 تحت ڪيل هڪ وڏي ڪارروائي ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) فتنه الهند سان تعلق رکندڙ 10 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سي ٽي ڊي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

"دانش آءِ ٽي پارڪ" جو افتتاح، هي پارڪ نوجوانن کي هنرمند بڻائڻ ۾ مدد ڏيندو: وزيراعظم

هي منصوبو مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ جدت کي هٿي ڏيڻ ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندو

هي آءِ ٽي پارڪ مڪمل طور فعال ٿي ويندو ته يقين آهي ته اهڙي قسم جا هزارين آءِ ٽي پارڪس ملڪ جي چئني صوبن ۾ قائم ٿيندا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسلام آباد آءِ ٽي پارڪ جو نالو دانش آءِ ٽي پارڪ رکڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته هي منصوبو پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي جي وفد جو ڪراچي فلٽر پلانٽ جو مطالعاتي دورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد جي آفيس آف ريسرچ، انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن جي وفد ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي نارٿ ايسٽ ڪراچي فلٽر پلانٽ جو مطالعاتي دورو ڪيو. جتي وفد کي پاڻي جي فلٽريشن، فراهمي ۽ معيار جي جاچ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ پنهنجي ڪارڪردگي جو جواب ڏين: طارق فضل

امن جي نالي تي احتجاج جي سياست ڪرڻ سان مسئلا حل نه ٿيا آهن ۽ نه ٿيندا

نوجوانن کي اهڙا موقعا ملڻ گهرجن جو ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامانيءَ معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته سهيل آفريدي ۽ تحريڪ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جهڙي قدم کي ڪڏهن به درست نه سمجهنداسين: وڏو وزير

پاڪستان پيپلز پارٽي ڪڏهن به نه چاهيندي ته ملڪ ۾ ڪو به غير آئيني قدم کنيو وڃي ۽ نه ئي الله ڪري ڪڏهن اهڙي نوبت اچي

پختونخواهه حڪومت مسلسل ان ڪوشش ۾ لڳل آهي ته صوبي ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وڃي جنهن حڪومت کي مجبورا ڪو اهڙو قدم کڻڻو پوي

خيرپور/ سکر (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جو خطرو اڃا ٽريو ناهي ٽنهن هوندي جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي ته هڪ صوبي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سکر: وڏو وزير مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ انويسٽمينٽ اينڊ ٽريڊ ڪانفرنس
شنگهائي 2026
گڏيل خوشحالي لاءِ نوان موقعا
خميس، 15 آڪٽوبر 2026 | شنگهائي، چين
پاڪستان-چين جي پائيدار سفارتي لاڳاپن جا 75 سال

پاڪستان ۽ چين جي سفارتي لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ جي ياد ۾، حڪومتِ سنڌ چين جي شهر شنگهائي ۾ 'سنڌ سيڙپڪاري ۽ واپاري ڪانفرنس 2026ع' جي ميزباني ڪري رهي آهي. معزز وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ منعقد ٿيندڙ هي اهم تقريب، صوبائي قيادت کي چين جي معروف صنعتي ۽ ڪاروباري گروپن سان ڳنڍيندي، ڊگهي مدي وارين حڪمتِ عملي تي ٻڌل پائيدارين قائم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪندي

25 کان وڌيڪ تبديليءَ جو سبب بڻجندڙ B2B ۽ G2B گڏيل سهڪاري ٺاهه (MoUs) ۽ معاهدا

توانائي ۽ پيٽرو ڪيميڪلز | آٽوموٽو ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل (EV) موبيليٽي | آءِ ٽي سي، ڊيجيٽل معيشت ۽ فن ٽيڪ | ايگرو ٽيڪ، صحت ۽ لاجسٽڪس

اهم فائدا:
سنڌ لاءِ ان جو ڇا مطلب آهي؟

- **اعليٰ درجي جي صنعتي ترقي:**
سنڌ کي ڏکڻ، وچولي ۽ اولهه ايشيا لاءِ جديد مينيوفيڪچرنگ ۽ برآمداتي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ.

- **گرين موبيلٽي ۽ موسمياتي لچڪ:**
مقامي سطح تي اليڪٽرڪ گاڏين جي پيداوار ذريعي ماحول دوست آمد و رفت کي تيز ڪرڻ ۽ موسمياتي لحاظ کان موزون ٻجن ذريعي غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ.

- **روزگار جا موقعا ۽ مهارتن جي ترقي:**
هزارين هنري نوڪريون فني نوڪريون پيدا ڪرڻ، جنهن سان مقامي انجنيئرن، سائنسدانن ۽ آءِ ٽي جي ماهرن کي بااختيار بڻائي سگهبو.

- **برآمدات جو متبادل:**
اي پي آءِ (APIs)، آٽو پارٽس ۽ پيٽرو ڪيميڪل مواد جي مقامي پيداوار ذريعي گهرايل شين جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ.

سنڌ حڪومت
INF/KRY/4523/26
www.sindhinvestment.gos.pk

بقايا 15 روزاني عبرت

جي مبارڪباد ڏني ۽ وزيراعظم هائوس اچڻ جي دعوت ڏني وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم فون ڪري مولانا فضل الرحمان

چيو ته وفاق ترقي جي نالي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا وسيلا ڪاٽي رهيو آهي ۽ سير هاءِ وي کي موٽر وي جو نالو ڏئي سنڌ سان وڏو مذاق ڪيو ويو آهي سنڌ تاريخي جاگرافي وحدت ۽ تهذيب آهي سنڌ جو ورهاڱو ڪوبه سنڌي ٿيڻ نه ڏيندو بلوچستان سدائين سنڌ سان گڏ بيٺو آهي ۽ بيٺل رهندو هن چيو ته ملڪ ۾ غير سياسي قوتون اختيار ۽ اقتدار تي قابض بڻيل آهن

ڪانفرنس ذريعي سياست ڪري رهي آهي عوام کي سياسي بيانن بدران عملي خدمت ۽ غريبن جي ڀلائي لاءِ ڪيل ڪمن جي ضرورت آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته غريبن

بلوچستان جي رٿابندي ۽ ترقي بابت وزيراعظم جي خاص مددگان ڪابينه جي سيڪريٽري، رٿابندي ۽ اقتصادي معاملن سي ڊي اي چيئرمين ۽ صوبائي حڪومتن ۽ لاڳاپيل وفاقي وزارتن ۽ ڊويزن جي سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 10 روزاني عبرت

پنهنجي اڳواڻ ۽ پختونن جي حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون لانگ مارچ جي ستين ڏينهن چارسده مان روانگي کان اڳ قافلي کي خطاب ڪندي سهيل آفريدي چيو ته 11 آڪٽوبر تي سڄي ملڪ مان ڪارڪن صوابي پهچندا، جڏهن ته 13 آڪٽوبر تي صوابي ۾ تحريڪ جي اينڊ

انهن سان ذهني هم آهنگي رکي ٿي

بقايا 9 روزاني عبرت

سهولتڪار آهي تحريڪ انصاف دهشتگردن کي خيبر پختونخوا جي رهائشي آبادين ۾ آٿي آباد ڪيو احتجاج ۽ ڌرڻن سان قيدي جي آزادي نه ٿيندي، گذريل 13 سالن دوران صوبي ۾ گورننس ۽ ترقي بدران سياسي ڊليور ڪي هٿي ڏني وئي چنچر ڏينهن پي ٽي وي هيڊ ڪوارٽرز ۾ وزيراعظم جي خيبر پختونخوا بابت

آهي ۽ ان وقت اها دنيا جي چوٿين جي 4 سيڪڙو مائنز ۾ شامل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته سال 2030 تائين وڌيڪ توسيع کان پوءِ اها انشاءَ الله دنيا جي ٽاپ 1 سيڪڙو مائنز ۾ شمار ٿيندي هن دعويٰ ڪئي ته ان وقت پوري ملڪ ۾ سڀ کان سستي بجلي ٿرپارڪر مان پيدا ٿي رهي آهي ۽ اهو هو حقيقي فائدو آهي جيڪو اسان ملڪ کي ڏنو جڏهن ته ڪجهه دوستن صرف ميٽرو ۽ سڙڪون بڻائڻ جي شروعات ڪئي جن جا فائدا محدود رهيا حيدرآباد سکر موٽر وي (M-6)جو ذڪر ڪندي وڏي وزير سنڌ چيو ته وفاقي وزير جي هاڻوڪي بيان مطابق ان منصوبي جي تعمير جو ڪم اينڊ مهيني شروع ٿي ويندو جنهن جو مان خيرمقدم ڪريان ٿو تنهن هوندي هن ماضي جو حوالو ڏيندي ياد ڏياريو ته ان کان اڳ به هو پاڻ به پيرا آهڙين تقريبن ۾ شامل ٿي چڪو آهي جتي وفاقي حڪومتون ان موٽر وي جا دعويٰ ۽ اعلان ڪنديون رهيون آهن جن مان هڪ تقريب تقريبن چار سال اڳ سکر ۾ ۽ ٻي حيدرآباد ۾ ٿي هئي ان ڪري هاڻي ان اهم انفراسٽرڪچر تي عملي ڪم شروع ٿيڻ گهرجي

تائين پاڪستان جي آءِ ٽي روانگي وڌي 25 ارب ڊالرن تائين وڌايو ويندو اميد آهي ته هن سان ٽيڪنالاجي ڪمپنين ۽ فري لانسرز کي پنهنجو ڪم وڌائڻ شين کي بهتر ڪرڻ ۽ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي

بقايا 8 روزاني عبرت

جي وڏي وزير جي حيثيت ۾ هو ان قدم کي ڪڏهن به درست نه سمجهندو سيد مراد علي شاهه صحافي جي سوال جو جواب ڏيندي چيو ته خيبرپختونخوا جي صورتحال تي گذريل ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي ۾ ڪي ايم سي پيپلز اسپورٽس ڪمپليڪس جي افتتاح جي موقعي تي وڏي تفصيل سان ڳالهايو هو وڏي وزير واضح ڪيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪڏهن به نه چاهيندي ته ملڪ ۾ ڪو به غير آئيني قدم کنيو وڃي ۽ نه ئي الله ڪري ڪڏهن اهڙي نوبت اچي تنهن هوندي سنڌس چوڻ هو ته ان وقت خيبرپختونخوا ۾ جنهن جماعت جي حڪومت آهي اها مسلسل ان ڪوشش ۾ لڳي وئي آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان هر هڪ کي ناراض ڪيو وڃي ۽ صوبي ۾ هڪ اهڙي ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ڪئي وڃي جتي حڪومت کي مجبوراً ڪو اهڙو قدم کڻڻو پوي جيڪو شايد جمهوري طور تي پسنديده نه هجي ۽ آئيني طور تي اهو غلط ناهي سيد مراد علي شاهه ٻڌايو ته اها ئي ڳالهه چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کليل ٻه چئي هئي ۽ هو پاڻ به اهو ئي چاهي ٿو ته گورنر راڄ جهڙن قدمن جي نوبت نه اچي مولانا فضل الرحمان جي

اعجاز احمد ضياءَ قريشي نذير حسين يونيورسٽي جو انجنيئر لياقت علي خان ۽ مختلف يونيورسٽين جا پروفيسر ۽ ڊاڪٽر شامل هئا ان موقعي تي سپرنٽينڊنگ انجنيئر محمد شاهه وفد کي فلٽر پلانٽ، پمپنگ اسٽيشن، پاڻي جي فراهمي ۽ فلٽريشن جي مختلف مرحلن بابت آگاهي ڏني جڏهن ته ڪيمسٽ شاهد انصاري واٽر ٽيسٽنگ ليبارٽري ۾ پاڻي جي معيار جي جاچ، ڪيميائي ۽ طبعياتي معيارن جي نگراني ۽ پاڻي جو معيار برقرار رکڻ لاءِ کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وفد جي ميمبرن واٽر ڪارپوريشن جي فني ۽ عملي نظام ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪندي انتظامن کي ساراهيو وفد ان عزم جو پڻ اظهار ڪيو ته مستقبل ۾ يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ مطالعاتي دورن ۽ انٽرن شپ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي حوالي سان واٽر ڪارپوريشن سان رابطو ڪيو ويندو

بقايا 6 روزاني عبرت

مثالي سياسي هم آهنگي کي مضبوط اقتصادي، سيڙپڪاري ۽ واپاري ڀائيواري ۾ تبديل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي ڇنڇر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم محمد شهباز شريف جمهوريه آذربائيجان جي صدرالهام عليوف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ پائيدار لاڳاپن ۽ ڀرائي ۽ دوستي جي عزم کي ورجايو وزيراعظم آذربائيجان سان پاڪستان جي گهري، پائيدار ۽ اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي ورجائيندي چيو ته ٻنهي

مان فائدو حاصل ڪري سگهيو وزيراعظم چيو ته اسلام آباد آءِ ٽي پارڪ جي پيڙهه جو پٿر 18-2017ع ۾ رکيو ويو هو جڏهن ان کان پوءِ جا ٿيل اهو تاريخ جو حصو آهي هن چيو ته هي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جو موقعو ناهي پر منصوبي جي تڪميل ۾ تعاون ڪندڙ سمورن ساٿين جي ڪوشش کي ساراهڻ جو موقعو آهي هن چيو ته حڪومت جي لاڳاپيل وزيرن خاص ڪري ناٽي واري وزير آءِ ٽي واري وزير ۽ سيڪريٽري آءِ ٽي سميت ان جي پوري ٽيم منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ محنت ڪئي آءِ ٽي وارو سيڪريٽري طبيعت خراب هئڻ سبب تقريب ۾ شريڪ نه ٿي سگهيو وزيراعظم سندس صحتيابي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته شروعات ۾ هن منصوبي کي ناقابل عمل منصوبو قرار ڏنو ويو پر ٽيم ورڪ ۽ ڏينهن رات جي محنت سان هن کي هڪ مستحڪم ۽ قابل عمل منصوبي ۾ تبديل ڪيو ويو هن چيو ته هن پاڻ به هن منصوبي بابت ڪيترن ئي اجلاسن جي صدارت ڪئي ۽ هڪ کان وڌيڪ پيرا هتي آيو چاڪاڻ ته منصوبو نه رڳو ديرجو شڪار ٿيو هو پر هن چاهيو ٿي ته ملڪ جا نوجوان جلد کان جلد هن سان لاڀ پرائين ۽ پاڪستان ترقي طرف اڳتي وڌي تقريب ۾ موجود ڏکڻ ڪوريا جي سفير ۽ ٻين معزز مهمانن کي مخاطب ٿيندي وزيراعظم ڏکڻ ڪوريا سان پنهنجي پراڻن لاڳاپن جو ذڪر ڪيو هن چيو ته هو ڀيرون پيرو 1985ع ۾ ڏکڻ ڪوريا ويو هو جتي هن ڊائيوو جي هيڊ ڪوارٽرز ۽ هڪ اسٽيل پلانٽ جو دورو ڪيو ۽ ڪيترن ئي ڪمپنين جي نمائندن

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 35 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي ....مدعي

خلاف

نياز پناهڻ ولد نائب خان پناهڻ ، بالغ ، مسلمان، ڪاروبار ماشاءَ الله هوٽل ، واقع نزد ديدار آئرن اسٽور، هالا ناڪا ، حيدرآباد ....مدعا عليه

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 3,65,000 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو.ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو

بحڪم......................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت

BY ORDER

PID (K)1179/26

WALK IN INTERVIEW FOR (SHUTDOWN ACTIVITY ONLY)

A Public Sector Organization is looking for competent and highly dedicated workers for the following positions on contingent basis and fixed wages for **80 to 110 days** at Karachi. Interested candidates may appear in walk-in interview from **08:00 AM to 02:00 PM** as per schedule and address mentioned below along with original documents and one copy of attested documents:

CHASHMA Abaseen Club, Chashma Mianwali.
MULTAN MINAR Hospital, Nishtar Medical College & Hospital, Multan.
KARACHI KANUPP Colony Hawksbay Road near Javed Bahria Society Mauripur, Karachi.

Sr. No.	Post	Fixed Wages P/Month Rs.	Qualification	Experience	Date		
					Chashma	Multan	Karachi
1.	Sr. Tech (Electrical/ Electronics/ Instrumentation & Control)	82,268/-	a. B.Tech (pass) b. 03 years Diploma of Associate Engineer or equivalent. (1st Div)	a. Nil b. 04 years relevant experience	21-10-2026	26-10-2026	02-11-2026
2.	Tech-I (Electrical/ Electronics/ Instrumentation & Control)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil			
3.	Sr. Tech (Mechanical / HVAC)	82,268/-	a. B.Tech (pass) b. 03 years Diploma of Associate Engineer or equivalent. (1st Div)	a. Nil b. 04 years relevant experience	22-10-2026	27-10-2026	03-11-2026
4.	Tech-I (Mechanical / HVAC/ Chemical / Civil)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil			
5.	Tech-I (Chemical / Civil)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil	23-10-2026	28-10-2026	04-11-2026
6.	Scientific Assistant-I (Physics / Chemistry)	64,277/-	B.Sc. (1st Div)	Nil			
7.	Jr. Assistant-I (Admin/Accounts)	59,453/-	B.Com / BBA / BCS (Two Years) or BA/B.Sc in relevant field (1st Div)	Relevant experience will be preferred	-	-	05-11-2026
8.	Caretaker-III	58,053/-	Intermediate	03 years	-	-	
9.	Driver-III	48,639/-	Matric having civil Driving License with HTV. **Minimum Height Required: 168 cm**	03 years	-	-	06-11-2026
10.	Special Vehicle Operator	48,639/-	Matric having HTV Civil Driving License with trade test in operation of special vehicle. For ex-service men with minimum T.T class II course in the operation of relevant vehicle.	03 years	-	-	
11.	Cook-II / Tandoorchi / Waiter-II	48,639/-	Middle	6 Years	-	-	

a) Candidates must not be less than 18 years or more than 35 years of age. However, age can be relaxed due to technical expertise and experience like working in Shutdowns turnaround maintenance of chemical / petro chemical / power plants.
b) Only those candidates who fulfill prescribed eligibility criteria may appear in interview.
c) Where the prescribed qualification is 1st Division in the final degree / certificate. Only one 2nd Division in the entire academic career would be acceptable. However, qualification can be relaxed due to technical expertise and experience in relevant field.
d) Selected candidates will be posted at Karachi for the period of 80 to 110 days only.
e) Experience will only be considered if acquired after the minimum prescribed qualification as mentioned against the post.
f) Candidates must have obtained all educational certificates / diplomas / degree from Govt. recognized institutions.
g) Walk-in Interviews for posts at Sr. No.07 to 11 will be conducted at Karachi only.
h) No TA / DA will be admissible for appearing in interview.
I) For inquiry: **021-99241469 (Ext. 3160 & 3195)**.

Sr. Admin Officer (RFO)
P.O Box No. 71, Karachi

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 30 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرI.C SSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

جبار بروهي ولد عبدالوهاب ڪاروبار: چانهه جو دڪان واقع قليلي موري، ڄامشورو روڊ، لونگ خاصخيلي ڳوٺ پرسان، حيدرآباد

A/C غير رجسٽرڊ FIR نمبر 43/2023 جو جوابدار جبار بروهي ولد عبدالوهاب............مدعا عليه

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 177,700 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو.ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو

بحڪم......................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت

BY ORDER

PID (K)1180/26

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 33 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

اشرف خان ولد رحمت الله، ڪاروبار لنڊن ڊيرا ريسٽورينٽ واقع ڳوٺ ٽنڊو غفار جهانيا، سامهون لنڊن ٽائون، قاسم آباد ، حيدرآباد ....مدعا عليه

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 727,800 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو.ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو

بحڪم......................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت

BY ORDER

PID (K)1181/26

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
سنسار
عبرت
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 11 آڪٽوبر 2026ع

وڌندڙ غربت جو حساب ڪتاب؟

مجيب ناريجو

ملڪ جي معيشت بهتري رهي آهي يا عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي رهي آهي؟ ان جو جواب حڪومتي بيانن يا قرضن جي قسطن بدران ماڻهن جي زندگيءَ مان ملڻ گهرجي. عالمي بئنڪ جي تازي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت وڌي رهي آهي. بيروزگاري ۾ واڌ، مهانگائي ۾ واڌ ۽ معاشي سختين جو بار محدود آمدنيءَ وارن گهرن تي پوي ٿو سوال اهو آهي ته معاشي سڌارن باوجود عام ماڻهوءَ جي حالت ڇو نٿي سڌري؟ عالمي بئنڪ جي 2025ع واري جائزي موجب، پاڪستان ۾ ملڪي سطح جي غربت شرح 19_2018ع جي 21.9 سيڪڙو مان وڌي 24_2023ع ۾ 25.3 سيڪڙو تي وئي. آڪٽوبر 2026ع جي

علائقائي رپورٽ موجب، 19_2018ع کان 2025ع ۾ 24 تائين روزانو ڊالرن واري عالمي غربت جي سطح تي پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ 6.4 سيڪڙو پوائنٽن جو اضافو ٿيو. رپورٽ اهو به ٻڌائي ٿي ته وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان واري خطي ۾ غريب ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. ان جو مطلب پاڪستان جي 48 سيڪڙو آبادي جو انتهائي غريب هجڻ ناهي، پر لاڳاپيل خطي جي انتهائي غريب ماڻهن جو لڳ ڀڳ اڌ پاڪستان ۾ هجڻ آهي. اهي انگ مختلف غربت جي حدن ۽ وقتن تي ٻڌل آهن، پر ٻنهي مان صورتحال جي سنگيني ظاهر ٿئي ٿي.

غربت جو سبب رڳو مهانگائي ناهي. ڪورونا وبا، 2022ع جي ٻوڏن، رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي ۽ معاشي سختين ماڻهن جي آمدنيءَ کي متاثر ڪيو. عالمي بئنڪ موجب، ملڪ ۾ 85 سيڪڙو کان وڌيڪ روزگار غيررسمي شعبي سان لاڳاپيل آهي، جتي ڪيترن ماڻهن کي مستقل آمدني، مناسب سهولتون ۽ سماجي تحفظ ميسر ناهن. زراعت جي گهٽ پيداواري صلاحيت، روزگار جي بهتر موقعن جي کوٽ ۽ تعليم توڙي صحت جون اڻاٺيون به غربت مان نڪرڻ کي ڏکيو بڻائين ٿيون. محنت باوجود جڏهن گهر جو خرچ پورو نه ٿئي، تڏهن معاشي ترقيءَ جي فائدن بابت سوال اٿڻ لازمي آهي.

پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي ليبر فورس سروي موجب، بيروزگار ماڻهن جو انگ 2020/21ع جي 45 لک مان وڌي 2024/25ع ۾ 59 لک تي ويو. جڏهن ته بيروزگاريءَ جي شرح 6.3 سيڪڙو مان وڌي 7.1 سيڪڙو ٿي. روزگار نه ملڻ سان گهراڻن جي آمدني گهٽجي ٿي، قرضن تي ڀاڙڻو پوي ٿو ۽ تعليم توڙي علاج جهڙيون ضرورتون به پوئتي رهجي وڃن ٿيون. بجليءَ جا بل، گئس، پيٽرول ۽ ڪاڌي پيتي جون شيون محدود آمدنيءَ تي مسلسل بار وجهن ٿيون. عالمي بئنڪ جي اڳڪٿي موجب، مالي سال 2027_26ع ۾ پاڪستان جي مجموعي معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو ۽ مهانگائي 8.2 سيڪڙو تي پهچي وئي. جڏهن ته في ماڻهو حقيقي معاشي واڌ لڳ ڀڳ 2.2 سيڪڙو رهڻ جو اندازو آهي.

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ کان پوءِ حڪومت گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن لاءِ في ليٽر 100 رپين جي رعايت واري رٿا شروع ڪئي. موٽرسائيڪلن ۽ رڪشن لاءِ هفتيوار رعايت، جڏهن ته 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ مقرر مقدار ۾ پيٽرول تي رعايت رکڻ جو مقصد تڪڙو سهارو ڏيڻ آهي. اهڙي مدد سفر جو خرچ گهٽائي سگهي ٿي، پر ڪاڌي، بجلي، علاج ۽ تعليم جو بار ختم نٿي ڪري. حدف واري سبسڊيءَ بابت عالمي مالياتي ادارن جا دليل پنهنجي جاءِ تي، پر مدد جي دائري ۽ خرچن تي بحث ڪندي ضرورتمند ماڻهن جي گهرجن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. مستقل حل لاءِ روزگار، آمدنيءَ جي پڪ ۽ سستي اگهه تي بنيادي سهولتون ضروري آهن. ٽيڪس جي ورڇ بابت به سوال موجود آهن. آڪٽوبر 2026ع ۾ رپورٽ ٿيل ايف بي آر جي عارضي انگن موجب، مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ پگهاردار طبقي کان 144 ارب رپيا آمدنيءَ جو ٽيڪس وصول ٿيو. جڏهن ته ريزڪي واپار ۽ رئيل اسٽيٽ جي شعبن مان گڏيل وصوليون لڳ ڀڳ 54 ارب رپيا رهيون. شعبن جي ٽيڪس بنياد ۽ وصوليءَ جا طريقا مختلف آهن، تنهنڪري انگن جي ڀيٽ احتياط سان ڪرڻ گهرجي. تنهن هوندي به سوال اهم آهي: جڏهن پگهاردار ماڻهوءَ جي ٽيڪس 'آمدني ملڻ وقت ئي' ڪٽجي ٿي، تڏهن ٻين شعبن مان ٽيڪس وصول ڪري ۽ ٽيڪس چوري روڪڻ لاءِ ڪيتري اثرائتي ڪوشش ٿئي ٿي؟

حڪومتي خرچن جون ترجيحون به جاچڻ گهرجن. شنگهائي سهڪار تنظيم جي 2027ع واري اجلاس لاءِ 30 بلٽ پروف گاڏين جي خريداريءَ خاطر 6.6 ارب رپين جي اضافي گرانٽ منظور ٿيڻ جو مثال موجود آهي. سيڪيورٽيءَ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر موجود گاڏين ۽ متبادلن جو جائزو وٺڻ ۽ خرچن جو ڪليل حساب ڏيڻ به ضروري آهي. جڏهن عوام کان ڪفايت ۽ قرباني گهري وڃي ٿي، تڏهن سرڪاري خرچن بابت سوال ڪرڻ به جائز آهي. سياسي بحث ۽ نون صوبن جون تجويزون ڏئي بحثن جو رخ موڙڻ جي ڪوش پنهنجي جاءِ تي، پر غربت، روزگار ۽ ٽيڪس جي انصاف جهڙا مسئلا پوئتي نه رهڻ گهرجن. قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ ۽ بجيٽ جا حدف پورا ڪرڻ اهم آهن، پر معاشي پاليسين جي اصل ڪاميابي تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن روزگار وڌندو، آمدنيءَ بابت غير يقيني ختم ٿيندي ۽ بنيادي سهولتون عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ هونديون. جيڪڏهن معاشي سڌارن جو بار عوام تي وڌو وڃي، بيروزگاري ۽ غربت گهٽجڻ بدران وڌندي رهي، ته پوءِ انهن سڌارن جي ڪاميابيءَ جو حساب ڪير ڏيندو؟

ٽرمپ جو انتظار ۽ شهباز جي نامزدگي

فريد احمد

وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ مڊٽرم چونڊن تائين ايران تي حملو نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، پر يمن ۾ سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ويڙهه وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي. ٽرمپ جي فيصلي پويان آمريڪي چونڊن جا ڪهڙا مفاد آهن، ۽ اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جو وزيراعظم ڪيس ٻيهر نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڇو ڪري رهيو آهي؟

ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پوسٽ ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هاڪاري ڳالهيون جاري آهن، پر ايران جي ناڪابندي برقرار رهندي هن 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن کان اڳ حملي کان پاسو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. آمريڪي خبررساڻ اداري ايڪسيوس موجب، ايران تي حملو تيل جون قيمتون وڌائي سگهي ٿو، جنهن جو اثر آمريڪي چونڊن تي پئجي سگهي ٿو. 27 آڪٽوبر تي اسرائيل ۾ ٿيندڙ چونڊون به هن فيصلي جي پسمنظر ۾ اهم آهن. مطلب ته جنگ بابت فيصلو رڳو فوجي صورتحال نه، پر سياسي مفادن سان به جڙيل آهي.

ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو چوڻ آهي ته ڌمڪين ۽ دٻاءَ هيٺ ٿيندڙ ڳالهيون، ڳالهين بدران پنهنجي مرضي مڙهڻ جي برابر آهن. سو حملي کان عارضي پاسو ڪرڻ باوجود ناڪابندي ۽ مستقبل ۾ جنگ جو امڪان برقرار آهي. انهيءَ وچ ۾ وزيراعظم شهباز شريف ٽرمپ کي پاڪ-ڀارت جنگ روڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ تي ٻيهر نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڪيو. شهباز شريف موجب، ٽرمپ جي مداخلت جنگبنديءَ ۾ مدد ڪئي، جيڪا اڃا برقرار آهي. پر 9 آڪٽوبر تي نوبل ڪميٽيءَ امن انعام ڏکڻ آفريڪا جي قانوندان ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن جي اڳوڻي ڪمشنر نوين پيلي کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. گذريل ٻن سالن ۾ هي ٻيو ڀيرو آهي، جو شهباز شريف ٽرمپ کي ان انعام لاءِ نامزد ڪيو آهي.

پاڪ-ڀارت جنگ روڪرائڻ ۾ ٽرمپ جي ڪردار کي تسليم ڪندي به سندس ٻين پاليسين بابت سوال اٿاري سگهجن ٿا. وينزويلا ۾ غير قانوني طور فوجي جٿو لاهي صدر نڪولس مادورو کي سندس محل مان اغوا ڪري آمريڪا پهچائڻ، گرين لينڊ تي قبضي ۽ ڪئناڊا کي آمريڪا جي 51هين رياست بڻائڻ بابت ڌمڪين، ايران کي به مڪمل طور تباهه ڪري ڌرتيءَ جي گولي تان ختم ڪرڻ جون ڌمڪيون طاقت جي استعمال ۽ ملڪن جي خودمختياريءَ بابت سوالن کي جنم ڏين ٿيون. ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حملا به خطي کي وڏي جنگ ڏانهن ڌڪي چڪا آهن، جنهن جا اثر پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن تي پيا آهن. يمن ۾ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿي وئي آهي. سعودي عرب جي حمايتي فوجن ۽ حوثين وچ ۾ حملن جو سلسلو تيز آهي. رائٽرز موجب، حوثين جي ميزائل حملن رياض جي هوائي اڏي کي به نشانو بڻايو. جنهن ۾ جاني نقصان ٿيو ۽ اڏامن جو نظام متاثر ٿيو. جنگ جا اثر رڳو فوجي محاذن تائين محدود ناهن. تيل جي فراهميءَ جا اهم رستا متاثر ٿيا آهن. عالمي معيشت سان گڏ پاڪستان جي توانائيءَ جي خرچن ۽ مهانگائيءَ تي به دٻاءُ وڌيو آهي. پاڪستان لاءِ چئلينج اهو آهي ته سعودي عرب سان لاڳاپن، پنهنجي دفاعي ضرورتن ۽ جنگ کان پري رهڻ واري پاليسيءَ ۾ توازن ڪيئن قائم ڪري. آخرڪار سوال ٽرمپ جي امن واري دعويٰ يا شهباز شريف جي نامزدگيءَ کان اڳتي آهي: ڇا چونڊن تائين حملي کان پاسو ڪرڻ خطي ۾ امن جو رستو کوليندو، يا جنگ رڳو ڪجهه وقت لاءِ ملتوي ٿي رهي آهي؟ پاڪستان جي سفارتڪاريءَ جي ڪاميابي به ان ڳالهه سان پرکبي ته اها جنگ جي باهه گهٽائڻ ۽ ملڪ جي مفادن جي حفاظت ۾ ڪيتري مددگار ٿئي ٿي.



نوبل انعام 2026ع

سائنس، ادب ۽ امن جي ميدان ۾ غير معمولي ڪاميابين جي مڃتا

فيضان احمد

دنيا ۾ ڪي انعام رڳو ذاتي ڪاميابين جي مڃتا هوندا آهن، پر نوبل انعام جي اهميت ان کان گهڻو اڳتي آهي. اهو انساني علم ۾ واڌاري، ادب ۾ نون خيالن جي اظهار ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل غيرمعمولي خدمتن جو عالمي اعتراف آهي. هر سال هي انعام انهن شخصيتن جي ڪم کي دنيا آڏو آڻي ٿو جن جي تحقيق، تخليق يا جدوجهد انساني سوچ ۽ سماج تي گهرا اثر ڇڏڻ جي سگهه رکي ٿي. نوبل انعام جي شروعات سويڊن جي سائنسدان ۽ موجد الفريڊ نوبل جي وصيت موجب 1901ع ۾ ٿي. سندس وصيت تحت طبعيات، ڪيميا، طب، ادب ۽ امن جا انعام ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو. جڏهن ته معاشي سائنسن جو انعام 1968ع ۾ سويڊن جي مرڪزي بئنڪ قائم ڪيو. انعامن جو مقصد اهڙن ڪمن جي مڃتا ڏيڻ آهي، جيڪي انساني علم کي اڳتي وڌائين ۽ سماج لاءِ فائديمند ثابت ٿين. اچو ته ڏسون ته 2026ع ۾ ڪهڙين شخصيتن کي نوبل انعام مليو ۽ انهن ڪهڙين ڪاميابين وسيلي اها عالمي مڃتا ماڻي.

طب: ڪارل ڊائسرٿ، پيٽر هيگمن ۽ گيورگ ناگل کي دماغ جي عصبي خلين جي سرگرمين کي روشنيءَ وسيلي ڪنٽرول ڪرڻ واري تحقيق تي نوبل انعام ڏنو ويو. سندن ڪم 'آپٽوجينيٽڪس' نالي سائنسي طريقي جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن سان دماغ جي ڪم ڪرڻ جي طريقي کي وڌيڪ سمجهڻ جا نوان رستا کليا. هن تحقيق سان عصبي ۽ ذهني بيمارين بابت مستقبل جي مطالعي لاءِ به اميدون وڌيون.

طبعيات: فرانسس هالزن کي ڪائنات جي ڏورانهن حصن مان ايندڙ انتهائي توانائيءَ وارن نيوٽرينو ذرڙن جي سڃاڻپ ۽ 'آئس ڪيوب' رصدگاهه قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار تي انعام ڏنو ويو. ڏکڻ قطب جي برف ۾ قائم هن رصدگاهه وسيلي سائنسدان ڪائنات جي ڏورانهن علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڪيميا: هينري بي. ڪئگن ۽ ڪينسو سوئي کي نامياتي ڪيميائي عملن ۾ اهڙن ماليڪيولن جي ٺهڻ بابت تحقيق تي انعام ڏنو ويو جيڪي هڪ ٻئي جا آئيني عڪس (ابت سُبت) هوندا آهن. اهڙي تحقيق ڪيميا جي بنيادي علم سان گڏ انهن عملن کي به سمجهڻ ۾ مددگار آهي، جيڪي دوائن ۽ ٻين ڪيميائي شين جي تياريءَ ۾ اهم ٿي سگهن ٿا.

ادب: اين ڪارسن کي سندس نرالي ۽ تخليقي ادبي ڪم جي مڃتا طور نوبل انعام ڏنو ويو. سندس لکڻين ۾ آڳاٽي ادب جي روايتن ۽ جديد ادبي انداز جو ميلاپ نمايان آهي. هيءُ انعام ادب جي ان سگهه کي به اجاگر ڪري ٿو جيڪا انساني تجربن ۽ خيالن کي نون اندازن سان پڙهندڙن تائين پهچائي ٿي.

امن: ناوي پلي کي عالمي امن، انساني حقن ۽ عالمي قانون جي پاسداريءَ لاءِ ڪيل ڪوشش جي مڃتا طور نوبل امن انعام ڏنو ويو. هوءَ انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ جي جج، روانڊا جي انٽرنيشنل ڪرمنل ٽربيونل جي جج ۽ صدر، ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر رهي آهي. جنگي ڏوهن، انسانيت خلاف ڏوهن ۽ نسل ڪشيءَ جي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سندس ڪردار عالمي انصاف جي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. هن کي نوبل انعام ملڻ تي آمريڪا انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ تي نئين پابندي لڳائي ڇڏي آهي.

2026ع ۾ معاشي سائنسن جي انعام جو اعلان سڀاڻي (12 آڪٽوبر تي) ٿيڻو آهي. ان کان پوءِ هن سال جي نوبل انعامن جي مڪمل فهرست سامهون ايندي. نوبل انعامن جي اهميت رڳو اعزاز ماڻيندڙن تائين محدود ناهي، اهي دنيا کي اهو به ياد ڏيارين ٿا ته سائنسي جستجو، ادبي تخليق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد انساني سماج جي اڳڀرائيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

نانا پاٽيڪر: هڪ اداڪار، ڪيترائي سانديل درد

فريد احمد

> هڪ اهڙو اداڪار، جنهن جي اکين ۾ ڪردار جي محرومي ڏسي تماشائيءَ کي پنهنجو درد ياد اچي ويندو هو

ڪجھ اداڪار پنهنجي فن سان تماشائيءَ کي کلائيندا آهن، ڪي روئاريندا آهن. جڏهن ته ڪي پنهنجي ڪردارن جي اهڙي دنيا تخليق ڪندا آهن، جيڪا فلم ختم ٿيڻ کان پوءِ به ذهن مان نٿي نڪري. نانا پاٽيڪر انهن فنڪارن مان هو جن جي اداڪاريءَ ۾ ڪردار جي ٻاهرين ڪيفيت سان گڏ سندس اندر جي اڻڏٺل پيڙا به محسوس ٿيندي هئي. سندس چهري تي ڪاوڙ، اکين ۾ بي وسي ۽ آواز ۾ لرزش رڳو اداڪاريءَ جا حربا نه هئا، پر ڪردار جي اندروني ڪشمڪش ظاهر ڪرڻ جا وسيلا هئا. نانا پاٽيڪر جي 8 آڪٽوبر 2026ع تي، 75 ورهين جي جمار ۾ گوا ۾ وفات سان هندي ۽ مراٺي سئنيما هڪ اهڙي اداڪار کان محروم ٿي وئي، جنهن پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکي. سندس فني سفر کي رڳو فلمن ۽ ايوارڊن جي ڳڻپ سان سمجهي نٿو سگهجي: سندس اصل سگهه ڪردارن جي اندر لڪل محروميءَ کي اهڙي نموني ظاهر ڪرڻ ۾ هئي، جو ڏسندڙ کي پنهنجي اڻڄاتل درد جو احساس ٿيڻ لڳندو هو. نانا جو اصل نالو وشوناٿ پاٽيڪر هو. هن پهرين جنوري 1951ع تي مهاراشٽر جي علائقي مرود-جنزيرا ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي فني سفر جي شروعات ٿيٽر ۽ مراٺي فن جي دنيا مان ڪئي. 1978ع ۾ فلم 'گمن' وسيلي هندي سئنيما ۾ پير پاتائين. ان دور ۾ روايتي هيرو خوبصورتي ۽ رومانوي انداز کي خاص اهميت حاصل هئي، پر نانا پنهنجي غيرروايتي چهري، تيز لهجي ۽ ڪردار ۾ گهڙي وڃڻ واري انداز سان الڳ سڃاڻپ ٺاهي.

هندي فلمن کان اڳ نانا جي اصل سڃاڻپ مراٺي ٿيٽر ۽ فلمن مان ٺهي هئي. 'سنگهاسن' جهڙين مراٺي ڪلاسڪ فلمن ۽ اسٽيج ڊرامن سندس اداڪاريءَ ۾ هڪ بنيادي پختگي پيدا ڪئي. هن جي انداز ۾ سڌو سنئون عوامي لهجو ۽ مراٺي لوڪ فن جو اثر واضح نظر ايندو هو. جنهن کيس ٻالي ووڊ جي روائتي هيروز جي هجوم ۾ هڪ منفرد ۽ الڳ سڃاڻپ ڏني. نانا جي زندگيءَ جي شروعات به آسان نه هئي. سندس والد جو ڪاروبار ختم ٿيڻ کان پوءِ خاندان کي مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. نانا جي پنهنجي بيان موجب، هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن گهر ۾ هڪ ويلي جو بندوبست ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. نوجوانيءَ ۾ هن فلمي پوسٽر ناهڻ جو ڪم به ڪيو جنهن جي عيوض کيس مهيني جا 35 رپيا ۽ هڪ ماني ملندي هئي. ڪم تي وڃڻ لاءِ کيس روزانو لڳ ڀڳ اٺ ڪلوميٽر پنڌ به ڪرڻو پوندو هو. 'سلام بمبئي!'، 'پرندا'، 'ڪرانتيوير'، 'اگني ساڪشي'، 'خاموشي: دي ميوزيڪل'، 'اپهارن'، 'اب تڪ ڇپن' ۽ 'ويلڪم' جهڙين فلمن ۾ سندس اداڪاريءَ جا مختلف رنگ ڏسي سگهجن ٿا. سندس ڪردارن ۾ ڪاوڙ، ضد، خوف، بي وسي ۽ اندروني تضاد هوندا هئا. هو ڪردار جي شخصيت کي رڳو ڊائلاگن سان نه، پر جسماني حرڪتن، نظرن، لهجي ۽ خاموشيءَ سان به اڀاريندو هو. هو سنجيده هجي يا مزاحيه ڪردار، پنهنجي موجودگيءَ

فني سوچ جو اعليٰ مثال آهي. هن فلم ۾ پنهنجي ڪردار کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ نانا باقاعدي سيڪنڊ ليفٽيننٽ طور آرمي جي سخت ٽريننگ حاصل ڪئي. هيءَ فلم هندوستاني سئنيما ۾ فوجي نظم ۽ سماجي براين خلاف هڪ سنجيده ۽ جاندار اپياس طور ياد رکي ويندي. نانا کي ٽي قومي فلم ايوارڊ مليا. 'پرندا' ۽ 'اگني ساڪشي' لاءِ بهترين مددي اداڪار، جڏهن ته 'ڪرانتيوير' لاءِ بهترين اداڪار جو ايوارڊ سندس حصي ۾ آيو. 2013ع ۾ کيس هندستان جي شهري اعزاز 'پدم شري' سان نوازيو ويو. اهي اعزاز سندس فني اهميت جو ثبوت آهن، پر سندس اداڪاريءَ جو اثر ايوارڊن جي ڳڻپ کان وڌيڪ وسيع آهي.

جي پيڙا ڪنهن کي ڏيکارڻ نه چاهيندو هجي. سندس چهري جي سختيءَ ۾ اڪيلائي، آواز جي وقفي ۾ بي وسي ۽ ڊائلاگ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ خاموشيءَ ۾ ڪردار جي اندر لڪل محرومي محسوس ٿيندي هئي. محروميءَ جو مطلب رڳو غربت يا ڪنهن شيءِ کان محروم رهجي وڃڻ ناهي. اها محبت جي کوٽ، وڇايل رشتي جو درد، اڌوري خواهش يا اهڙو احساس به ٿي سگهي ٿي، جنهن کي ماڻهو پاڻ به لفظن ۾ بيان نه ڪري سگهندو آهي. نانا جا ڪيترائي ڪردار اهڙي انساني ڪيفيت کي ڇهندا هئا. تماشائيءَ لاءِ ڪردار جي زندگيءَ سان متفق ٿيڻ ضروري نه هوندو هو. سندس اندر جي بي وسيءَ کي محسوس ڪرڻ ئي ڪافي هوندو هو.

مراٺي فلم 'نٽسمرات' ۾ نانا جي اداڪاري ان جو هڪ اهم مثال آهي. فلم جو مرڪزي ڪردار هڪ پوڙهو ٿيٽر فنڪار آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي سال اسٽيج تي ٻين جا ڪردار ادا ڪندي گذاريا آهن. پر جڏهن کيس پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي ڏکن ۽ اڪيلائيءَ سان منهن ڏيڻو پوي ٿو تڏهن سندس اندر جي دنيا سامهون اچي ٿي. نانا هن ڪردار ۾ رڳو پوڙهائپ يا ڏک پيش نٿو ڪري، پر هڪ اهڙي انسان جي پيڙا ظاهر ڪري ٿو جنهن ٻين جي جذبن کي سمجهڻ ۾ زندگي گذاري، پر پنهنجي ئي زندگيءَ ۾ پنهنجائپ جي کوٽ محسوس ڪرڻ لڳو. اهوئي فن جو اثر آهي: فنڪار پنهنجي ڪردار جي ڪهاڻي ٻڌائيندي تماشائيءَ کي به پنهنجي اندر جي ڪنهن اڻبڌايل ڪهاڻيءَ سان ملائي ڇڏي ٿو. نانا پاٽيڪر 2015ع ۾ مراٺي اداڪار مڪرانند انسپوريءَ سان گڏ 'نام فائونڊيشن' قائم ڪئي، جنهن وسيلي مهاراشٽر جي ڏڪار ستيل علائقن ۾ آبادگارن ۽ متاثر خاندانن جي مدد ڪرڻ سان گڏ پاڻيءَ جي مسئلن تي به ڪم ڪيو ويو. اها سندس فلمي دنيا کان ٻاهر سماجي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ پنهنجي وس آهر عملي مدد ڪرڻ جي ڪوشش هئي. هڪ حقيقي ۽ وڏي فنڪار وانگر نانا پاٽيڪر جي شخصيت به پيچيدگين کان ٻاهر نه هئي. جتي کيس سماجي خدمتن ۽ فن سبب ساراهيو ويو اتي هو ڪجهه تڪرارن جو به شڪار رهيو. 2018ع ۾ اداڪارا تنوشري دتا، 2008ع ۾ فلم 'هارن اوڪي پليز' جي شوٽنگ دوران نانا پاٽيڪر تي جنسي هراسان ڪرڻ جو الزام لڳايو هو جنهن کي نانا رد ڪيو. پوليس جاچ ۾ ثبوت نه ملڻ سبب ڪيس بند ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. نانا پاٽيڪر جي فن جي اصل سگهه رڳو ڪاوڙ جي شدت يا ڊائلاگن جي گونج ۾ نه، پر ڪردار جي اندر لڪل محروميءَ کي ظاهر ڪرڻ ۾ هئي. 'پرندا'، 'ڪرانتيوير'، 'اب تڪ ڇپن' ۽ 'نٽسمرات' جهڙين فلمن ۾ سندس

نانا جو نالو ذهن ۾ ايندي ئي سندس تيز

قارون ڪان قارون تائين!

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

هونئن ته سڀ نشا هاڃيڪار، خراب آهن پر دولت ۽ اقتدار جو نشو منهنجي خيال ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصانڪار آهي ٻين نشن ۾ انسان جو ذاتي نقصان وڌيڪ ۽ معاشري جو ڪي قدر گهٽ ٿئي ٿو. جڏهن ته دولت ۽ اقتدار جي نشي ۾ سڄو معاشرو لپيٽ ۾ اچي وڃي ٿو ظالم حڪمران صرف اڪيلي سر ظلم نٿو ڪري، سندس جي چوڌاري اهڙا ماڻهو به هوندا آهن جيڪي سندس پشت پناهي ۾ اهڙو عمل ڪندا آهن. ڪي پنهنجي مفاد لاءِ خاموش رهن ٿا ۽ طاقت جو سلڪ ڏين ٿا ۽ ٻيا ڪمزور نه پهچي سگهندڙ دٻپ ۾ ڪجهه ڪچي ناهن سگهندا جيڪڏهن ڪو سندن جي خلاف ڪنهن به قسم جي جرئت ڪري ٿو ته سندس جو انجام عبرتناڪ ٿئي ٿو اڄو ته بي پناهه دولت رکندڙن، خود کي سڀني کان مٿي سمجهندڙن، تڪبر ڪرڻ وارن جو تاريخ ۾ جائزو وٺون ته سندن ڪهڙو حشر ٿيو؟!

قارون: بي پناهه دولت، غرور ۽ انجام، قرآن شريف ۾، سندس دولت سميت زمين ۾ ڌنسجڻ جو ذڪر.

هامان: فرعون جي اقتداري نظام ۾ سندس جو ويجهو ۽ اهم ساٿي، طاقت ۽ غرور جي علامت، جيڪو آخرڪار مٽي جو ڍير بڻجي ويو.

عاد ۽ ثمود: جسماني طاقت، شان شوڪت ۽ تعميراتي عظمت تي فخر ۽ غرور ڪرڻ وارن جو انجام به آخر تباهي نڪتو! وقت تبديل ٿيڻ ۾ دير ئي نٿي لڳي ملڪ جي مرضي آهي، جنهن کي وٽيس عزت ڏئي، جنهن کي وٽيس ذلت ڏئي! ڪنهن کي صبح جو بادشاهه ته شام جو فقير بڻايو ڇڏي!

بهادر شاهه ظفر: مغل سلطنت جو آخري بادشاهه. جنهن جو قصو پڙهي اقتدار جي بي ثباتي جو وڏو سبق ملي ٿو جنهن جي تخت وڃائڻ ڪانپوءِ جلاوطني ۽ سندس زندگي جو آخري حصو انتهائي بي وسي وارو ڏکيو گذريو! جنهن جي حڪم سان وڏيون سلطنتون هلنديون هيون، درٻارون آباد هيون، وڏو دٻدٻو هو خزانا ڀريل هئا پر پوءِ اهو ڏينهن به آيو جڏهن مغل سلطنت جو زوال آيو. 1857ع جي بغاوت ڪانپوءِ انگريزن کيس گرفتار ڪري رنگون جلاوطن ڪيو. زندگيءَ جي آخري حصي ۾ پنهنجي وطن کان پري رهيو تخت ويو، تاج ويو، سلطنت وئي.

فرعون: اقتدار ۽ طاقت جو نشو ماڻهن تي ظلم ۽ آخرڪار عبرتناڪ انجام! اقتدار جي دنيا ۾ فرعون جو مثال سامهون اچي ٿو. بادشاهت، لشڪر، حڪمراني ۽ طاقت، سڀ ڪجهه وٽس هيو. طاقت جي نشي ۾ انسان ايترو اڳتي وڃي سگهي ٿو جو کيس پنهنجي حد به وسري وڃي ٿي. فرعون به طاقت کي دائمي سمجهيو هو پر وقت کيس ٻڌايو ته ايئن نه آهي. خبر نٿي پوي ته انسان پنهنجي پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟ پنهنجي هٿ وس ۾ اٿس ڇا؟ پل جي خبر ڪانهي، ايڏي وڏائي، آڪڙ ۽ رعب ڪيستائين هلندو؟ هي منهنجو هو منهنجو پرايو مال به پنهنجو!... پر انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل انسان اهو به نٿو سمجهي ته 'سندس وجود' به سندس جو پنهنجو ڪونهي! سندس ساهه به پرايو آهي! هر نعمت، جيڪا کيس ڏني وئي آهي، ايتري تائين جو سندس کان هر ساهه جو حساب ورتو ويندو!

انسان جي نفسيات ساڳي آهي. جڏهن دولت انسان جي اخلاق کان وڌي ٿي وڃي ۽ اقتدار انسانيت کان مٿي، دولت ۽ غرور جي نشي ۾ ظلم ٿيڻ لڳن ٿا. ٺيڪاءِ ۽ ٻين کي گهٽ سمجهڻ جو رجحان وڌي ٿو وڃي. تڏهن عروج کي زوال اچڻ جو بنياد پوي ٿو! جڏهن انسان نعمتن جو قدر نه ڪري ۽ صبر ۽ شڪر جي واٽ ڀلجي وڃي! خلق خدا لاءِ آزار بڻجي وڃي، تڏهن اهي نعمتون مالڪ ڪريم سندس کان ڦري وٺي ٿو. تخت خالي ٿي وڃن ٿا! تاج مٿن تان لهي وڃن ٿا. خزانا ٻين جي ملڪيت بڻجي وڃن ٿا ۽ عذتخاڪ ۾ ملي وڃي ٿي! ڪاش انسان، جيڪر اهو سمجهي سگهي ته انسان جو ڪردار ئي سندس اصل ميراث آهي. مولانا رومي جي فڪر جو خلاصو اهو آهي ته هر شيءِ جيڪا حد کان وڌي وڃي ٿي، زهر بڻجي وڃي ٿي! دنيا کي هٿ ۾ رکڻ انسان جي ضرورت آهي، پر دنيا کي دل ۾ رکڻ، انسان جي تباهي آهي.

حضرت علي ڪرم الله وجهه جن فرمايو ته دنيا نانگ وانگر آهي. ڇهڻ ۾ نرم ۽ زهر ۾ خطرناڪ (نهج البلاغہ خطبو 86 حضرت عمرفاروق سان منسوب قول آهي ته دنيا جي دولت کي دل ۾ نه رک. جيڪڏهن اها دل ۾ اچي وئي ته انسان کي غلام بڻائي ڇڏيندي! امام حسن بصري جن فرمايو ته دنيا هڪ پل آهي. ان کي پار ڪريو پر ان تي گهر نه ٺاهيو!

حضرت علي ڪرم الله وجهه کان جڏهن دنيا جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ مختصر مگر جامع جواب ڏنائون. حلالها حساب-و حرامها عذاب. دنيا جو حلال به حساب کان خالي ڪونهي ۽ حرام جو انجام به عذاب آهي.

بلهي شاهه فرمايو هو ته:

نه ڪر بنديا ميري ميري،
نه تيري نه ميري،
چار دنا دا ميلا دنيا،
فر مٽي دي ڍيري!
چڙهدي سورج ڍلدي ويکي،
بجهدي ديوي ٻلدي ويکي!

ترجمو: 'اڀرندڙ سج لهندي ڏٺا، وسامندڙ ڏيئا وري ٻرندي ڏٺا، يعني دنيا ۾ ڪنهن جي حالت هڪ جهڙي نٿي رهي. تخت، تاج ۽ خزانا سڀ هتي ئي رهجي وڃن ٿا. انسان خالي هٿ اچي ٿو ۽ خالي هٿ وڃي ٿو.' علامه اقبال جي ضرب ڪليم جي نظم فقر غيور مان آهي. فقر جو مطلب بي وسي نه پر الله ڪانسواءِ ڪنهن اڳيان محتاج نه ٿيڻ خودداري ۽ روحاني آزادي آهي.

ميرا طريق اميري نهين فقيري هي،
خودي نه بيچ، غريبي مين نام پيدا ڪر!

جامع ترمذي ۾ رسول ڪريم ﷺ ڏانهن منسوب روايت آهي ته اي الله! مسڪين جي حيثيت ۾ جيئان، مسڪين جي حالت ۾ موت ڏي ۽ قيامت جي ڏينهن مون کي مسڪينن جي جماعت ۾ اٿارجي!

اها حقيقت آهي ته دنيا ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ انسان جي دولت نه پر سندس جو ڪردار ۽ سماج لاءِ ڪيل ڪم ياد رهندا آهن! ان ڪري سماج سڌارڪ، سچو قلمڪار، عالم، استاد، انسان جي خدمت ڪندڙ... سندس ڪم جي ڪري نسلن تائين ياد رهندو آهي عالمن کان ٻڌوسين ته اهڙو انسان، جنهن جي دل نرم ناهي، اکين ۾ حيا ۽ شرم ناهي، حد درجي جو بخيل آهي، ان جي خيرات به قبول ناهي ٿيندي!

دولت انسان جي مرڻ ڪانپوءِ وارثن ۾ ورهائجي وڃي ٿي پر قلمڪار جو فڪر، سماج سڌارڪ جي جدوجهد ۽ انسان دوست جو ڪردار، نسلن ۾ ورهائجي به گهٽ نٿو ٿئي اهو وقت سان گڏ وڌندو رهي ٿو. خزانا ختم ٿي وڃن ٿا پر فڪر خزاني کان وڌيڪ ڊگهي عمر رکي ٿو. اصل معيار دل کي صاف رکڻ، گفتگوءَ ۾ نرمي، تقوا، نيڪ عمل، خلق خدا جو فڪر، ذڪر الاهي، انصاف، انسانن سان سٺو سلوڪ آهي. ڏن يا دولت انسان کي وقتي طور عذت ۽ مان ۾ ٻين کان مٿاهون ڪري سگهي ٿي پر الله وٽ انسان جي بلندي، سندس تقوا ۽ ڪردار سان آهي.

آمريڪا جي فضلائن مان

نانا پاٽيڪر: هڪ آواز، جيڪو پردي تان لهي سماج جي ضمير ۾ ڳالهائيندو رهيو!

راجا زاهد اختر خانزاده

'سالا، ايک مڇهر آدمی کو هجڙا بنا ديتا هے.' اهو رڳو هڪ فلمي ڊائلاگ نه هو اهو هڪ پوري سماج جي بيوسيءَ تي طنز هو هڪ اهڙي انسان جي رڙ جيڪو جيئرو ته آهي، پر روزمره جي مصلحتن خوف، ڪرپشن نظام ۽ خاموشيءَ آڏو پنهنجي قوتِ ارادي وڃائي ويٺو آهي اهو ڊائلاگ فلم 'يشونت' ۾ نانا پاٽيڪر ادا ڪيو هو ۽ سالن ڪانپوءِ به ان جي شدت گهٽ نه ٿي آهي شايد ان ڪري جو مڇر ڪڏهن به رڳو مڇر نه هو ڪڏهن اهو خوف هو، ڪڏهن ڪرپشن، ڪڏهن طاقت ۽ ڪڏهن اهو ننڍڙو سمجهوتو، جنهن ڪانپوءِ انسان هر ايندڙ سمجهوتي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي

نانا پاٽيڪر 8 آڪٽوبر 2026ع تي 75 ورهين جي عمر ۾ هن دنيا مان موڪلائي ويو لڳ ڀڳ پنجن ڏهاڪن تي ٻڌل سندس فلمي سفر 'گمن' کان شروع ٿيو ۽ 'پرندا، پرهار، ڪرانتي وير، خاموشي، يشونت، اب تک ڇپن ۽ نٽ سمراٽ' جهڙن ڪردارن مان گذرندو هڪ اهڙي ورثي ۾ بدلجي ويو، جنهن کي رڳو 'اداڪاري' چوڻ شايد ڪافي نه هجي هن تي نيشنل فلم ايوارڊ ماڻيا ۽ ڀارت کيس پدم شري سان پڻ نوازيو.

اڄون هميشه کان آرٽ فلمن ۽ ڪردار تي ٻڌل سئنيما جو شوقين رهيو آهيان اهڙيون فلمون، جن ۾ هيرو جو لباس نه پر سندس سوال ياد رهجي وڃي جن ۾ خوبصورت منظر کان وڌيڪ انسان جي اندر جو انتشار نظر اچي جن ۾ ڪهاڻي ختم ٿي وڃي پر سوال ختم نه ٿئي شايد ان ڪري ئي نانا پاٽيڪر جون ڪيتريون فلمون مون رڳو ڏٺيون نه پر محسوس ڪيون هو انهن اداڪارن مان نه هو، جيڪي ڊائلاگ ياد ڪري بولي ڇڏيندا آهن هو ڊائلاگ جي اندر داخل ٿي ويندو هو سندس آواز ڪڏهن بارود بڻجي ويندو هو، ڪڏهن زخم، ڪڏهن هڪ ڊگهي خاموشي ان هڪ جملي کان وڌيڪ چئي ويندي هئي جيڪو ڪنهن ٻئي اداڪار کي رڙ ڪري چوڻو پوندو هو سندس چهري تي روايتي فلمي هيرو واري چمڪ نه هئي پر اکين ۾ اهو اضطراب هو جنهن مان سماج جو لڪل ڪرب سڃاڻي سگهبو هو سندس ڪردار ڪڏهن پوليس آفيسر هو، ڪڏهن فوجي ڪڏهن غنڊو، ڪڏهن باغي ۽ ڪڏهن ٽٽل ڀڳل انسان پر گهڻو ڪري ان جي اندر هڪ سوال جيئرو رهندو هو، اسان انسان هجڻ سان ڇا ڪيو؟

'ڪرانتي وير' شايد ان ئي سوال جو سڀ کان بلند اظهار هئي فرقيوارانہ فساد جي وچ ۾ جڏهن سندس ڪردار هندو ۽ مسلمان جو رت گڏ ڏيکاري پڇي ٿو ته ٻڌايو، هن ۾ هندوءَ جو رت ڪهڙو آهي ۽ مسلمان جو ڪهڙو، ته اهو سوال فلم جي ڪردار مان نڪري پوري برصغير آڏو اچي بيهي ٿو فلم جو بنيادي دليل اهو ئي هو ته نفرت انسان اندر قدرتي طور پيدا نه ٿيندي آهي اها پوکي ويندي آهي ان کي پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ پوءِ سياست ان جو فصل لڻندي آهي

اهوئي سبب آهي جو اڄون نانا پاٽيڪر کي رڳو ڀارتي اداڪار طور نٿو ڏسان سندس گهڻا ڪردار پاڪستان ۾ به اوترا ئي سمجهه ۾ ايندڙ آهن جيترا ڀارت ۾. سرحد جي ٻنهي پاسن ٻولي بدلجي سگهي ٿي، مذهبي تناسب بدلجي سگهي ٿو، اقتدار جو ڍانچو بدلجي سگهي ٿو، پر عوام کي ورهائي حڪومت ڪرڻ واري سياست جي نفسيات حيرت انگيز طور هڪجهڙي نظر اچي ٿي

ڀارت ۾ طاقت جو بحران پاڪستان جهڙو ناهي اتي گهڻ پارٽي جوڙيل نظام موجود آهي ۽ سياسي اقتدار بنيادي طور سولين حڪومت جي هٿ ۾ آهي پر تازن سالن ۾ صحافين تقادن، اقليتن ۽ شهري آزادين تي دٻاءُ بابت سنجيده سوال اٿيا آهن فريڊم هائوس جي 2026ع واري جائزي ۾ ڀارت کي 100 مان 62 نمبرن سان 'جزوي طور آزاد' قرار ڏنو ويو آهي ۽ صحافين ۽ حڪومتي تقادن تي وڌندڙ دٻاءُ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ساڳئي جائزي ۾ پاڪستان کي 100 مان 32 نمبر مليا ۽ رپورٽ چوي ٿي ته طاقتور فوجي چونڊن، حڪومت سازيءَ ۽ اهم پاليسين تي تمام گهڻو اثر رکي ٿيون ٻنهي ملڪن جا نظام هڪجهڙا ناهن پر ٻنهي ۾ طاقت، سڃاڻپ ۽ اختلاف جا سوال پنهنجين پنهنجين صورتن ۾ موجود آهن

اهو فرق سمجهڻ ضروري آهي ڀارت ۾ جنهن کي اسين 'سياسي اسٽيبلشمينٽ' يا اڪثريتي قومپرستيءَ جو دٻاءُ چئون، اها شيءِ پاڪستان ۾ بلڪل ان ئي صورت ۾ موجود ناهي هتي سول سياست سان گڏ طاقتور ادارن جو تاريخي اثر هڪ الڳ ۽ وڌيڪ اونهو مسئلو رهيو آهي پر نتيجو ڪٿي ڪٿي ساڳيو ٿي وڃي ٿو عوام کي مذهب، قوم، جماعت، ٻولي يا سڃاڻپ جي ليڪ تي ورهايو، ڪين هڪٻئي کان خوفزده رکو ته اصل سوال يعني ماني، انصاف، تعليم، صحت، روزگار ۽ جوابداري، پسمنظر ۾ هليا وڃن ٿا نانا پاٽيڪر جا ڪردار ان دوکي کي سڃاڻندا هئا. 'ڪرانتي وير' جي فسادن ۾ عام ماڻهو اڄ ئي دشمن نٿا بڻجن ڪين دشمن بڻايو وڃي ٿو ڪالهه تائين هڪٻئي جي تهوارن ۾ ويندڙ پاڙيسري هڪ ڏينهن اهو پڇڻ لڳن ٿا ته تون هندو آهين يا مسلمان سياستدان ڪشميرائن آڏو همدردي ڏيکارين ٿا پر پس پرده انهن ئي ورهاڱن مان فائدو وٺن ٿا. اهو منظر رڳو سئنيما ناهي برصغير جي سياست جي هڪ پراڻي ٽيڪنڪ جو استعارو آهي

پاڪستان ۾ به اسان اهو ئي ڏٺو آهي ڪڏهن مذهب جي نالي تي ڪڏهن ٻوليءَ جي نالي تي، ڪڏهن صوبي جي نالي تي ۽ ڪڏهن 'محب وطن' ۽ 'غدار' جي ورهاڱي ذريعي ڪنهن دور ۾ ڪراچيءَ جي شهري ووٽر کي شڪ جي نظر سان ڏٺو ويو، ڪنهن دور ۾ بلوچ سياسي شڪايت سيڪيورٽي مسئلو بڻجي وئي ڪڏهن پشتون آواز تي سوال اٿيا ۽ ڪڏهن ڪنهن سياسي جماعت جي لکين ووٽرن کي محسوس ٿيو ته سندن پسند طاقت جي وڏي راند ۾ ثانوي آهي پيپلز پارٽي، مسلم ليگ، ايم ڪيو ايم ۽ هاڻي تحريڪ انصاف پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ لڳ ڀڳ هر وڏي جماعت ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي رياستي دٻاءُ، قانوني ڪارروائي، سياسي انجنيئرنگ يا طاقت جي غير چونڊيل مرڪزن سان ڇڪتاڻ جي شڪايت ڪندي رهي آهي ۽ شايد نانا پاٽيڪر جي ڊائلاگن جي سڀ کان وڏي طاقت اها ئي هئي ته هو ناظر کي رڳو مظلوم رهڻ نه ڏيندو هو هو کيس جهنجهوڙيندا هو

'مڇر' واري ڊگهي ڊائلاگ ۾ اصل حملو مڇر تي نه، بي حسيءَ تي آهي ماڻهو صبح جو گهر مان نڪري ٿو، نظام جو پرزو بڻجي ٿو، شام جو موٽي ٿو زندگيءَ جون رسمون پوريون ڪري ٿو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري ان ئي مشين ۾ داخل ٿي وڃي ٿو جسم جيئرو رهي ٿو پر اندر جو انسان آهستي آهستي مرڻ لڳي ٿو ان ڊائلاگ ۾ همت ۽ اختيار جو احساس ان ئي هنڌ پيدا ٿئي ٿو؛ جيڪڏهن نظام توکي بيوس بڻائي ٿو ته پهريون انقلاب اهو آهي ته تون پنهنجي بيوسيءَ کي سڃاڻ

۽ اها عورت، جيڪا حالتن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندي به مدد جي طلبگار آهي جڏهن ته مدد ڪرڻ وارو ان ڳالهه تي مرڪي رهيو آهي يا نانا پاٽيڪر جي روپ ۾ ٺهڪ ڏئي رهيو آهي اها به ان ئي فلسفي جو استعارو آهي انسان کي رڳو ٻاهريون زنجيرون غلام نٿيون بڻائين ڪيترائي ڀيرا اصل غلامي تڏهن شروع ٿيندي آهي جڏهن انسان اهو مڃي وٺندو آهي ته ڪجهه به بدلجي نٿو سگهي ۽ بيوس ٿي ان خلاف آواز نٿو اٿاري. نانا پاٽيڪر جي اداڪاري بار بار چوندي رهي؛ جاڳو، پنهنجي لڙائي پاڻ سڃاڻو ۽ وڙهو، پنهنجي ڪاوڙ جو رخ پنهنجي پاڙيسريءَ ڏانهن نه موڙيو، ڏسو ته اوهان کي ڪنهن ٻڌايو ته اوهان جو دشمن اهو غريب ماڻهو آهي جنهن جو خدا ڪي سڏڻ جو نالو اوهان کان مختلف آهي اوهان کي ڪنهن سيکاريو ته اوهان جي ناڪاميءَ جو ذميوار ٻيو مذهب، ٻي ٻولي يا ٻي ذات آهي؟ ۽ ان ورهاڱي مان فائدو ڪنهن کي ملي رهيو آهي؟

اهوئي سبب آهي جو سندن لاءِ انسانيت ڪو فلمي نعرو نه هئي پنهنجي زندگيءَ ۾ به هو مذهب ۽ ذات جي سڃاڻپ کان مٿي انسان کي رکڻ جي ڳالهه ڪندا رهيا هڪ خطاب ۾ هنن سرڪاري فارمن ۾ مذهب ۽ ذات پڇڻ جي تصور تي سوال اٿاريو ۽ چيو ته انسانيت ئي اصل مذهب آهي انسانيت جي اها ڳالهه هن رڳو مائيڪ تي نه ڪئي 2015ع ۾ اداڪار مڪرند اناسپوري سان گڏجي هن 'نام فائونڊيشن' قائم ڪئي ان جو مقصد مهاراشٽر جي ڏڪار متاثر هارين خودڪشين کان متاثر خاندانن پاڻيءَ جي بحران ۽ ٻهراڙيءَ جي محروميءَ تي عملي ڪم ڪرڻ هو يعني پردي تي غريب جي ڳالهه ڪندڙ فنڪار پردي کان ٻاهر به هاريءَ وٽ ويو ۽ شايد نانا پاٽيڪر جي اصل عظمت پردي کان ٻاهر وڌيڪ نمايان هوندي هئي سندس ويجهن ماڻهن ۽ ساٿين موجب، هو پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو هارين مزدورن ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن لاءِ وقف ڪندا هو ۽ سندن روزگار ٻارن جي تعليم ۽ ڏکئي وقت ۾ مدد لاءِ خاموشيءَ سان ڪم ڪندا هو سندس باري ۾ اهو به ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪجهه فلمن ۾ هو پنهنجي فيءِ جو وڏو حصو خيراتي ادارن کي ڏيڻ جي شرط رکندا هو ۽ زندگيءَ جي آخري سالن ۾ سادگيءَ سان ڳوٺ ۾ رهڻ پسند ڪندا هو سندس شخصيت ۾ خودداري غير معمولي هئي هڪ واقعو سندس سوچ جي اونهائي بيان ڪري ٿو؛ هن پنهنجي آخري رسمن لاءِ سڪل ڪاٺيون اڳ ۾ ئي سانڍي رکڻ جي ڳالهه ان ڪري ڪئي ته آلي ڪاٺيءَ جي دونهين سان ٻين جي اکين کي تڪليف نه ٿئي شايد انسان جي اصل سڃاڻپ اها ئي هوندي آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين جو ڏک ڪيترو محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي موت ڪانپوءِ به ڪنهن کي تڪليف نه ڏيڻ جو خيال رکي ٿو نانا پاٽيڪر وڏو اداڪار ضرور هو پر شايد ان کان به وڏو انسان هو اها ئي جاءِ آهي جتي هڪ اداڪار عظيم فنڪار کان وڌي هڪ انسان بڻجي وڃي ٿو

منهنجي نظر ۾ مذهب جي اصل عظمت به اتي ئي آهي جيڪڏهن اوهان ڪنهن انسان جو ڏک محسوس نٿا ڪري سگهو ته اوهان جو مذهبي تعارف ڪجهه به هجي، اهو اوهان کي عظيم نٿو بڻائي سٺو مسلمان ٿيڻ کان اڳ سٺو انسان ٿيڻ ضروري آهي سٺو هندو ٿيڻ کان اڳ به ۽ سٺو عيسائي سک يا يهودي ٿيڻ کان اڳ به عبادت جيڪڏهن انسان کي خدا جي ويجهو آڻي ٿي ته ان جي پهرين نشاني اها هجڻ گهرجي ته اها انسان کي انسان جي ويجهو آڻي نانا پاٽيڪر جا ڪيترائي ڪردار ان ئي فلسفي جا نمائندا هئا هو هندو ۽ مسلمان جي رت ۾ فرق ڳوليندڙ ڪردار کي للڪاري ٿو هو سياستدان کان پڇي ٿو ته غريب جي رت تي تون پنهنجي تصوير ڇو چمڪائڻ چاهين ٿو هو خاموش تماشائيءَ کي ٻڌائي ٿو ته تنهنجي خاموشي به نظام کي طاقت ڏئي ٿي هو ان ماڻهوءَ کي جهنجهوڙي ٿو جيڪو هر روز ٿورو ٿورو مري رهيو آهي پر ان کي زندگي سمجهي ويٺو آهي ان ڪري سندس ڊائلاگ رڳو ان معنيٰ ۾ 'انقلابي' نه هئا ته انهن ۾ ڪاوڙ هئي آهي ان ڪري انقلابي هئا جو اهي ماڻهوءَ کي سندس اختيار ۽ عمل جي طاقت واپس ڏيندا هئا.

سئنيما جي اصل طاقت شايد اها ئي آهي بندوق حڪومت بدلائي سگهي ٿي پر ڪهاڻي ڪڏهن ڪڏهن انسان بدلائي ڇڏيندي آهي قانون ڪنهن رويي کي ڏوهه قرار ڏئي سگهي ٿو پر فن انسان جي اندر ان کي نفرت جو ڳجهو بڻائي سگهي ٿو هڪ تقرير شايد جلسو ختم ٿيندي ئي وسري وڃي، پر هڪ اداڪار جو هڪ ڊائلاگ ڏيهن سالن ڪانپوءِ به ڪنهن نوجوان جي ذهن ۾ سوال بڻجي جيئرو رهي سگهي ٿو فنڪار موڪلائي ويو، ڪردار رهجي ويا، آواز خاموش ٿي ويو، سوال رهجي ويا ۽ شايد عظيم فن جي سڃاڻپ اها ئي آهي ته پردو ڪرڻ ڪانپوءِ به اهو انسان جي اندر پنهنجو منظر جاري رکندو آهي نانا پاٽيڪر ان ڪري رڳو هڪ اداڪار نه هو هو اسان جي دور جي بي آرام ضمير جو هڪ آواز هو ۽ جيستائين انسان مذهب، طاقت ۽ سياست جي نالي تي انسان کي ورهائيندو رهندو، تيستائين ان آواز جي ضرورت باقي رهندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڇر 11 آڪٽوبر 2026ع

سنڌ ۾ اغوا جون وارداتون، اثرائتي حڪمت عمليءَ جي ضرورت!

سنڌ ۾ اغوا جون وارداتون، ڀنگ لاءِ ماڻهن کي يرغمال بڻائڻ ۽ ڌاڙيل گروهن جي سرگرمين بابت سامهون ايندڙ خبرون امن امان جي صورتحال تي سنجيده سوال اٿارين ٿيون. ڪنهن به مهذب سماج ۾ ماڻهوءَ جي جان، عزت ۽ آزاديءَ کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي پر جڏهن ماڻهو پنهنجي گهرن مان نڪرندي، سفر ڪندي يا ڪنهن بهتر مستقبل جي آسري ۾ ٻين علائقن ڏانهن ويندي به محفوظ نه هجن ته اها صورتحال رڳو پوليس جي ڪارڪردگيءَ جو مسئلو نه رهندي آهي، پر حڪومت لاءِ هڪ امتحان بڻجي ويندي آهي. سنڌ جي مختلف علائقن مان اغوا جي واقعن بابت سامهون ايندڙ خبرن جي روشنيءَ ۾ ضروري آهي ته ان مسئلي کي ڪنهن هڪ واقعي تائين محدود رکڻ بدران مجموعي طور ڏٺو وڃي ۽ ان جي بنيادي سببن کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن.

رستم جي ڪچي واري علائقي سان تعلق رکندڙ معذور نوجوان ياسين عرف ليڙو پٽ علي گوهر مصراڻي جي مبينا اغوا وارو واقعو به سنڌ ۾ اغوا جي مسئلي جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪري ٿو خبر موجب نوجوان کي شاديءَ جو آسرو ڏئي پنجاب گهرايو ويو هو جتي کيس مبينا طور قيد ڪري سندس وارثن کان 10 لک رپيا ڀنگ طلب ڪيو ويو آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان کي قيد ڪرڻ بعد وڊيو ڪين موڪلي وئي آهي. معاملي بابت اها ڳالهه پڻ سامهون آئي آهي ته جوابدار ڌر جون ٻه ناريون به مبينا طور اغوا ٿيل آهن. جڏهن ته نوجوان جي وارثن پاران 5 لک رپيا ڏيڻ جي آڇ قبول نه ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سمورن الزامن ۽ دعوائن جي تصديق جاچ کان پوءِ ٿي سگهي ٿي، پر هن واقعي مان اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته آخر سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن اهڙي صورتحال مان نڪرندا. جتي انساني زندگيون ڀنگ ۽ ذاتي تڪرارن جي ور چڙهيل هجن؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ اغوا جو مسئلو رڳو ڪنهن هڪ شهر، ضلعي يا علائقي تائين محدود ناهي رهيو پر انهيءَ جا مختلف روپ نظر اچن ٿا. ڪٿي ماڻهن کي ڀنگ لاءِ اغوا ڪرڻ جون خبرون سامهون اچن ٿيون. ڪٿي زمينن ۽ ذاتي تڪرارن جي نتيجي ۾ ماڻهن کي يرغمال بڻائڻ جا الزام لڳن ٿا ته ڪٿي وري روزگار، شادي يا ٻين لالچن ذريعي ماڻهن کي ڦاسائڻ جهڙا واقعا هڪ وڏي تسلسل سان رپورٽ ٿيندا رهن ٿا. اهڙن واقعن جي نوعيت ۽ انگ بابت حتمي راءِ ڏيڻ لاءِ تصديق ٿيل سرڪاري انگ اکر ۽ مڪمل جاچ ضروري آهي، پر هر اهڙو واقعو متاثر خاندانن لاءِ آزمائش بڻجي وڃي ٿو. سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان جي صورتحال بابت مختلف وقتن تي سامهون ايندڙ خبرون ڳڻتيءَ جوڳيون آهن. اهڙن علائقن ۾ ڌاڙيل گروهن جي موجودگي، ڀنگ لاءِ اغوا ۽ ماڻهن جي تحفظ بابت خدشا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل آهن. تنهن هوندي به اهو مسئلو رڳو پوليس جي هڪ ڪارروائي يا ڪجهه ڏينهن جي مهم سان حل ٿيڻ وارو ناهي. ان لاءِ مستقل حڪمتِ عملي، ڌاڙيلن جي نيٽ ورڪن بابت ڄاڻ، جاچ جا جديد طريقا، مضبوط انٽيليجنس نظام ۽ مقامي آباديءَ جو اعتماد حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

اغوا جي وارداتن کي صرف پوليس ۽ انتظاميا جو مسئلو سمجهڻ به مناسب نه ٿيندو. غربت، بيروزگاري، تعليم جي کوٽ ۽ سماجي ناانصافين جهڙا مسئلا به ڪيترن ئي علائقن ۾ مجموعي عدمِ تحفظ کي وڌائي سگهن ٿا. تنهنڪري حڪومت کي اهڙن علائقن ۾ تعليم، روزگار، صحت ۽ بنيادي سهولتن تي ڌيان ڏيڻو پوندو. جيئن نوجوان نسل کي بهتر مستقبل جا جائز موقعا ملي سگهن ۽ سماج ۾ روزگار ۽ سماجي تحفظ جا رستا مضبوط ٿين. ڌوهن جي خاتمي لاءِ هڪ پاسي قانون جي سخت عملداري ته ٻئي طرف سماجي ۽ معاشي بهتريءَ لاءِ ڊگهي مدي وارا قدم کڻڻ ضروري آهن هن ڏس ۾ ميڊيا جو ڪردار به اهم آهي، ڇو ته اها اغوا جي واقعن کي ذميواريءَ سان رپورٽ ڪري، متاثر خاندانن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۽ انتظاميا کان واقعن بابت ٿيندڙ ڪارروائي جا انگ اکر حاصل ڪرڻ اهم آهي. سنڌ حڪومت ۽ پوليس سميت لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته اغوا جي وارداتن بابت تصديق ٿيل انگ اکر عوام آڏو آڻين. ضلعي وار صورتحال جو جائزو وٺي، انهن علائقن جي نشاندهي ڪن، جتي اهڙا واقعا وڌيڪ پيش اچن ٿا. ان کان علاوه اهڙي حڪمت عملي جوڙي وڃي، جنهن ۾ ڌاڙيلن جي نيٽ ورڪن خلاف ڪارروائي، مغوين جي محفوظ بازيابي، متاثر خاندانن جي مدد ۽ ڌاڙيلن کي قانون موجب سزا ڏيارڻ شامل هجي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ اغوا جي وڌندڙ وارداتن جو حل رڳو بيان، واعدا ۽ عارضي ڪارروائيون نه پر مستقل حڪمت عملي، قانون جي عملداري ۽ حڪومتي ذميواريءَ جي اثرائتي ادائيگيءَ ۾ آهي.

غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل عوام!

منظور ڪوسو

ڏينهون ڏينهن تيل، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ اگهن، خوراڪ، دوائن ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ مسلسل وڌندڙ بيروزگاريءَ ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي. آمدني جي محدود وسيلن ۾ زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي. مهيني جي شروعات ۾ ملندڙ پگهار مهيني جي وچائيءَ تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿو جڏهن ته ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيتن لاءِ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ به هڪ آزمائش بڻجي چڪو آهي. ملڪ هڪ ڊگهي عرصي کان سياسي عدم استحڪام جو شڪار آهي. سياسي استحڪام ڪانسواءِ معاشي ترقيءَ جا خواب ڏسڻ ائين آهي جيئن بنيادن بنا ڪا عمارت اڏڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. سياستدانن جا پنهنجا پاڻ ۾ اختلاف، هڪٻئي جون ٽنگون ڇڪڻ ۽ ڪنهن به ريت اقتدار جي مسند تائين پهچڻ واري هوس به پنهنجي جاءِ تي ملڪ ۾ وڏي تباهي آندي آهي ۽ ان سڄي صورتحال کان ملڪ جي ڪرپٽ بيوروڪريسي، ٽئڪس چور اشرافيه ۽ ابن الوقت ماڻهو خوب فائدو پيا وٺن. جيڪڏهن خساري ۾ آهي ته فقط عوام. هر طرح جو سياسي، سماجي ۽ معاشي خسارو عام ماڻهو برداشت ڪري رهيو آهي. پگهاردار طبقي تي ٽئڪس جو ايترو بار وڌو ويو آهي جو چند سالن ۾ حڪومت کي هنان ٿيڻ تي وڌيڪ ٽئڪس مليو آهي. جڏهن ته هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ سرڪار پگهاردار طبقي کان ڏهه في سيڪڙو وڌيڪ يعني 144 ارب روپيا ٽئڪس اوڳاڙي ڪئي آهي. ٽئڪس وصوليءَ جو مقصد فقط قومي خزاني کي ڀرڻ نه پر اهو به هئڻ گهرجي ته ان جي بدلي ٽئڪس ڏيندڙن کي ڪهڙيون سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون؟ پر ان طرف حڪومت جو ڌيان نه هئڻ برابر آهي. آمريڪا ايران تي جنگ مڙهي نه فقط ايران سان گڏ خطي جي عرب ملڪن کي بارود جي باهه ۾ ڦٽو ڪيو پر اسٽريٽ هرمز جي بندش ڪري تيل جي رسد متاثر ٿيڻ ڪري سڄي دنيا مهانگائي جي لپيٽ ۾ اچي وئي ايشيا ۽ آفريقا جا غريب ۽ ترقي پذير ملڪ جيڪي اڳي ئي ڪمزور معيشيت ۽ سياسي عدم استحڪام جو شڪار هئا، سي تيل جي وڌندڙ اگهن جي حوالي سان مهانگائيءَ جي طوفان کي منهن ڏئي رهيا آهن. مهانگائي جا گهڻا ئي سبب ٿي سگهن ٿا. خاص ڪري پاڪستان ۾ پر هن وقت به خطي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ وڌيڪ مهانگو آهي. ملڪ جو ڪروڙين عوام تيل تي فقط 85 روپيا ليوي سان گڏ تقريبن 118.76 روپيا ٽئڪس ادا ڪري ٿو. اِها به حقيقت آهي ته عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون مسلسل لهن چڙهن ٿيون پر پاڙيسري جي ملڪن جي ڀيٽ ۾ آخر سڀ کان وڌيڪ اسان ڇو ٿا متاثر ٿيون. هن وقت به انڊيا جي مقابلي ۾ هتي پيٽرول 32 سيڪڙو ۽ ڊيزل 48 سيڪڙو مهانگو آهي. بنگلاديش جي مقابلي ۾ اسان وٽ پيٽرول 20 سيڪڙو ۽ ڊيزل 48 سيڪڙو مهانگو ۽ چار سال اڳ ڊيفالٽ ڪي پهتل ملڪ سريلنڪا جي ڀيٽ ۾ هتي پيٽرول 15 ۽ ڊيزل 27 سيڪڙو مهانگو آهي ۽ پوءِ اهو چئي جان ڇڏائي وڃي ٿي ته ڇا ڪجي، تيل جا اگهه مقرر ڪرڻ به آءِ ايم ايف جي شرطن جو حصو آهي جيڪڏهن واقعي مسئلو آءِ ايم ايف جي شرطن جو آهي ته پوءِ بنگلاديش ۽ سريلنڪا به ان عالمي مالياتي اداري جا محتاج آهن. جنهن جو محتاج پاڪستان آهي. مهانگائي، وڌندڙ ٽئڪسز جو بار ۽ بيروزگاري، عام ماڻهو آخر انهن مصيبتن سان ڪيئن ۽ ڪيستائين منهن ڏيندو رهندو؟ ان سڄي صورتحال جو نتيجو اسين ورلڊ بئنڪ جي تازي رپورٽ ۾ ڏسي سگهون ٿا. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن وقت وچ اوڀر افغانستان ۽ اتر آفريقا جنهن ۾ مصر ليبيا، تيونس، يمن ۽ جبوتي جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا انهن سڀني ملڪن جي غريبن جو 48 في سيڪڙو فقط پاڪستان ۾ رهي ٿو. اهڙا غريب جيڪي غربت جي لڪير کان به هيٺاهين زندگي گذاري رهيا آهن. يعني روزانو 3 ڊالر (830.7 روپيا) ڪمائين ٿا. انهيءَ رقم ۾ روزاني زندگيءَ جو گاڏو ڇڪڻ ڪو آسان ڪم ڪونهي. انهيءَ جرڪائيندڙ رپورٽ ۾ سنڌ ۾ غربت 32.6 في سيڪڙو، بلوچستان ۾ 47، خيبرپختونخواهه ۾ 35.3 ۽ پنجاب ۾ غربت 23.3 في سيڪڙو ٻڌائي وئي آهي. پارليامينٽ جي ميمبرن، وزيرن، مشيرن، ججن ۽ بيوروڪريسي جون پگهارون، سهولتون ۽ غير ملڪي دورن جا ٻي انتها خرچ ۽ هر سال اربين روپين جي ڪرپشن، جنهن لاءِ هاڻي عالمي مالياتي ادارا به هدايت ڪرڻ شروع ڪئي آهي ته جيڪڏهن اربين ڊالر جي ڪرپشن کي قابو ۾ آڻيو ته اوهان کي هوند هر سال ڏانهن اڃو نه پئي. انهن ڳالهين جا سڌا سنوان اثر عام ماڻهوءَ تي پون ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ کيس مهانگائيءَ جو بار ڀوڳڻو پوي ٿو. ان پوڳنا طرف ڪنهن جو به ڌيان ڪونهي. پارليامينٽ ۾ اندر يا پارليامينٽ کان ٻاهر پنهنجن مفادن جي جنگ وڙهي پئي وڃي. عوامي اشوز تي ڪوبه بحث ڪونه پيو ٿئي. جيڪڏهن عوامي مفادن جي جنگ وڙهي وڃي ها ته جيڪر اڄ ماڻهو صبح جو ڪاٺي رات جي ڳڻتين ۾ نه ڳرن ها ۽ ملڪ سکيو ستابو هجي ها. ملڪ ۽ عوام تڏهن ئي خوشحال ٿيندو. جڏهن عوام جي پيٽ جي باهه وسائڻ کي اقتدار جي جنگ کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي.

اڄوڪو ڏينهن ..... 11 آڪٽوبر

تلسي داس روچلداس تاريجا تلسيو

هيءُ پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ، مترجم ۽ هندو مذهب جو وڏو ڄاڻو هو. هن جو جنم 19 جنوري 1900ع تي سنڌ جي شهر ڏهرڪيءَ ۾ ٿيو. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پهريائين مڊل اسڪول ۾ ۽ پوءِ هاءِ اسڪول ۾ ماستري نوڪري ڪيائين 1947ع واري ورهاڱي ڪانپوءِ هندستاني گجرات جي شهر ڪتياڻ ۾ رهائش اختيار ڪيائين هو ننڍي هوندي کان وٺي مذهب طرف راغب رهيو ۽ مذهبي ڪتاب پڙهڻ جو شوقين هو. هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو شاعريءَ ۾ 'تلسيو' تخلص استعمال ڪندو هو سندس شاعريءَ تي به مذهبي رنگ نمايان نظر اچي ٿو هن هندوئن جو مذهبي ڪتاب 'رامائڻ' هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو سندس وڏو ادبي ۽ مذهبي ڪارنامو سمجهيو وڃي ٿو ان کان علاوه هن ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ 'سنت ڪنوررام جي جيون چريتر'، 'ڀائي ڪنوررام ۽ ڀائي پيسورام جن جو جيون چريتر'، 'ڪوئل' (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ايڇ ايم خواجه

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر ۽ قابل استاد مرحوم ايڇ ايم خواجه جي ياد گيري ڏياري ٿو اڄ سندس جنم جو ڏينهن آهي هن انمول انسان 11 آڪٽوبر 1907ع تي ملان ڪاتيار ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس پورو نالو حاجي خان مهر علي خواجه هو ابتدائي تعليم حيدرآباد ۽ ٺٽي باڳي جي مير غلام محمد مدرسي مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ڪراچيءَ جي سنڌ بي جي ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿيو بي ٽي جي سند به حاصل ڪيائين هن جو نالو هڪ بهترين استاد، هيڊ ماستر ۽ مڃيل منتظم طور ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن مختلف اسڪولن ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون هو هڪ ڊگهو عرصو لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه جو هيڊماستر رهيو سندس دور ۾ اهو اسڪول سنڌ جي بهترين تعليمي ادارن ۾ شمار ٿيندو هو 1972ع ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين مقرر ٿيو انهيءَ بورڊ جي عمارت ۾ جمنازيم سندس يادگارن مان هڪ آهي مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي عمارت جي تعمير ۾ به سندس وڏو هٿ رهيو هن 20 سيپٽمبر 1999ع تي هن جهان مان موڪلايو.

اظهر گيلاني

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي برک اديب اظهر گيلانيءَ جي ياد ڏياري ٿو جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1915ع ۾ ٿيو هو هن پلوڙ ليکڪ جو اصل نالو سيد انور علي شاهه ولد سيد اصغر علي شاهه هو ۽ پاڻ تعلقي واره ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي مشهور ڳوٺ لالو رائنڪ ۾ ڄائو هو ان وقت جي دستور مطابق قرآن، اسلاميات ۽ سنڌيءَ جي تعليم پنهنجي تر جي عالمن ۽ استادن کان حاصل ڪيائين اڳتي هلي انگريزي تعليم هاءِ اسڪول گهوٽڪيءَ مان حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ

بعد مختلف کاتن ۾ ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيائين هن جن کاتن ۾ نوڪريون ڪيون تن ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي ايڪسائيز ريلوي پوليس، هز ماسٽرس وائيس ڪمپني ڪولمبيا رڪارڊنگ ڪمپني لاهور ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچي شامل آهن هو پنهنجي دور جو هڪ مجاهد ليکڪ هو جيتوڻيڪ پاڻ هڪ پير هو پر هميشه پيرن خلاف لکيائين کيس گيتن پري ڪهاڻيءَ جو خلق ڪوٺيو وڃي ٿو هن پهرين سنڌي فلم 'ايڪتا' جا مڪالما لکيا هڪ شاعر ۽ اديب طور هن مختلف موضوعن تي لڳ ڀڳ 200 ڪتاب لکيا هن 'قصرالادب' جي نالي سان هڪ اشاعتي ادارو کولي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا پاڻ مختلف اخبارن جي ايڊيٽر طور به ڪم ڪيائين انهن اخبارن ۾ عالمگير، افلاطون، سچ طوفان ۽ ذوالفقار شامل آهن هن نالي واري ليکڪ 22 جولاءِ 2006ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو

ظفرالله قريشي

مرحوم ظفرالله قريشي پاڪستان جي ريلوي کاتي جو هڪ باصلاحيت آفيسر هو هن جو جنم 11 آڪٽوبر 1918ع تي سکر ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پرائي سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان پاس ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان جاگرافي ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون ۽ براڊ فورڊ يونيورسٽي انگلينڊ مان ٽرانسپورٽيشن ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ 1963ع ۾ ريلوي کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين هن ريلوي کاتي ۾ جن اهم عهدن تي ڪم ڪيو تن ۾ ڊويزنل ٽرانسپورٽ آفيسر ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ ڪراچي ۽ سکر، پاڪستان ريلويز اڪيڊمي لاهور جو ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان ريلويز جو ٻه ڀيرا جنرل مئنيجر ۽ پاڪستان ريلوي جي صلاحڪاري بورڊ جو چيئرمين شامل آهن تاريخ 30 مارچ 1996ع تي ريلويز هيڊڪوارٽر لاهور ۾ هڪ اهم گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي کيس اچانڪ دل جو دورو پيو ۽ سنڌ جو جي باصلاحيت آفيسر اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو کيس ڪراچيءَ ۾ عبدالله شاهه غازيءَ واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

آغا حامد علي انور

هن قادرالڪلام شاعر جو پورو نالو آغا حامد علي احمدزئي ولد آغا ابراهيم هو سندس جنم 11 آڪٽوبر 1936ع تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو هو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ اها نوڪري ڇڏي حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين هن پنهنجي والد جي سرپرستيءَ ۾ ننڍي ڄمار ۾ ئي شاعري شروع ڪئي سندس شمار ان دور جي قادرالڪلام شاعرن ۾ ٿيندو هو شاعريءَ ۾ سندس



مختيار انڙ

تخلص 'انور' هو هن 'بزم انور' جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم پڻ قائم ڪئي جنهن جي پليٽفارم تان مشاعرا منعقد ٿيندا هئا هن جي شاعريءَ جا ٻارهن مجموعا قلمي صورت ۾ موجود آهن

عبدالواحد آريسر

اڄ مشهور قومپرست اڳواڻ ۽ نامياري ليکڪ عبدالواحد آريسر جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 11 آڪٽوبر 1949ع تي عمرڪوٽ تعلقي جي ريلوي اسٽيشن هاسيسر ويجهو ڳوٺ انڙآباد ۾ ٿيو

ابتدائي تعليم ساهو ۾ حاصل ڪيائين ان بعد مختلف مدرسن ۾ پڙهيو. 1968ع ۾ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد مان مولوي عربيءَ جو امتحان پاس ڪيائين هو ڪجهه وقت حيدرآباد جي مسجدن ۾ پيش امام ۽ خطيب رهيو 1969ع ۾ جميعت طلباءِ اسلام ۾ شامل ٿيو 1972ع ڌاري جيئي سنڌ سان سلهاڙجي ويو 1977ع ۾ جيئي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻن ۾ شامل ٿي ويو 1995ع ۾ جي ايم سيد جي وفات بعد جيئي سنڌ قومي محاذ جو چيئرمين چونڊيو 2006ع ۾ ٻين قوم پرست ڌرين سان اختلاف سبب هن پنهنجي الڳ جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر گروپ) جو بنياد وڌو قوم پرست سياست ۾ رهندي هن ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيون. هو هاڪارو ليکڪ به هو ۽ مختلف موضوعن تي 38 ڪتاب لکيائين هن 3 مئي 2015ع تي وفات ڪئي

آفتاب سومرو

آفتاب سومرو هڪ ليکڪ ۽ صحافيءَ طور ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن جو جنم ڳوٺ مريد سيتار ضلعي شڪارپور ۾ 11 آڪٽوبر 1956ع ۾ ٿيو هن ايم اي سوشالاجي ايم اي (انگريزي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي ابتدا جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪيائين ان بعد گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي حيدرآباد ۾ انسٽرڪٽر مقرر ٿيو اڳتي هلي نيشنل بڪ فائونڊيشن ۾ نوڪري ڪيائين هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو آهي جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سماج سڌار تحريڪ، سلمي ريسرچ سوسائٽي ۽ پروگريسو ٿنڪر فورم شامل آهن پاڻ شعور رسالي جو ايڊيٽر پڻ رهيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'مزڪ جي ملڪ ۾' (سفرنامون)، 'ايران ڪا سفرنامه' (اردو) ۽ 'بيجنگ کي بازارون سي بنڪاڪ کي بازارون تڪ' شامل آهن

ڪرشن کٽواڻي

ڪرشن کٽواڻي سنڌي ٻوليءَ جو بلند پائي جو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نگار هو. هن جو جنم 7 نومبر 1927ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ٺارو

شاهه ۾ ٿيو هن اسڪولي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي ۽ وشو ڀارتي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين هن جي ڪهاڻين جا جيڪي مجموعا ڇپجي چڪا آهن تن ۾ 'اڪيلي'، 'منزل تو نه سڃاتو'، 'ٽٽل تارون'، 'پرديسڻ'، 'پيهري'، جيالي جو ساٿي'، 'منهنجا مارو'ڙا'، 'ٽڪڙا ٿيل'، 'پنهنجا پرايا' شامل آهن هن جي مشهور ناولن ۾ 'امر پيار'، 'ياد هڪ پيار جي'، 'ست ڏينهن' ۽ 'منهنجي منزل سنڌ' وغيره شامل آهن هن کي چترڪاريءَ ۽ سنگيت سان به گهڻي دلچسپي هئي سندس ادبي ڪاوشن کي مڃتا ڏيندي کيس ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ سان گڏ ٻين اعزازن سان نوازيو ويو هن 11 آڪٽوبر 2007ع تي هي جهان ڇڏيو

ڊاڪٽر حسين کٽي

اڄ مشهور ليکڪ ڊاڪٽر حسين کٽيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ناليواري ساهتڪار جو جنم 8 جون 1962ع تي سجاول ضلعي جي شهر جاتيءَ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول جاتيءَ مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سجاول مان پاس ڪيو بي اي جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج ٺٽي مان پاس ڪيائين ۽ ايم اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور ڪيائين هن 1970ع واري ڏهاڪي کان لکڻ شروع ڪيو سندس شاعري، مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن جي زينت بڻيا. هو سنڌي ادبي سنگت جو ڪارڪن هو ۽ انهيءَ تنظيم جي ٺٽي ضلعي جو رابطه سيڪريٽري به رهيو هن جا ٽي ڪتاب ڇپيل آهن هن 11 آڪٽوبر 2020ع تي وفات ڪئي

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه بخاري

اڄ سنڌ جي نامور تعليمي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر

عبدالحسين شاهه بخاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي اڳتي هلي پروفيسر، ڊائريڪٽر ۽ ٻين جهڙا اهم عهدا ماڻيائين شاهه صاحب جو شمار سنڌ يونيورسٽيءَ جي بهترين پروفيسرن ۾ ٿيندو هو سندس ئي ڪوششن سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف فزڪس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو بنياد پيو ساڳيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ جو انسٽيٽيوٽ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي به سندس ڪاوشن سان قائم ٿيو هن 1972ع ۾ ماسڪو يونيورسٽيءَ مان اليڪٽرانڪس ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي ۽ 1976-77ع ۾ اپسالا يونيورسٽي سوئيڊن ۽ 1986ع ۾ يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا سانتا باربرا ۾ پوسٽ ڊاڪٽوريٽ ريسرچ ڪئي رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ پهريائين سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جو ڊائريڪٽر ۽ بعد ۾ بلوچستان يونيورسٽي آف انفارميشن ٽيڪنالاجي جو سربراهه مقرر ٿيو عمر جي آخري حصي ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف مينيجمينٽ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ جي وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليائين هن 11 آڪٽوبر 2024ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا)

گارڊين سوٽ 39 نمبر سال 2026

مسمات رضيه بيواهه محمد سليمان مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 25 جگنو ٽائون ضلعو ميرپورخاص ..ايپليڪينٽ ...بخلاف..(1) آقل (2) رضوان ٻئي پٽ محمد سليمان مسلم بالغ. ايوننٽس (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. (1) مسمات جنت (2) سلطان (3) محمد عمر سڀ پٽ ڌيئرون محمد سليمان. مائنر

مٿين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10، آر ڊبليو سيڪشن 25 ۽31 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 34 سال 2026

(1) شريمتي روزينا ڌيءِ خيمسو زال وسيم اوڊ هندو بالغ ذات اوڊ رهندڙ ڳوٺ آزاد پير جهنڊو تعلقو سعيد آباد حال رهندڙ ڪچي آبادي پٽ شاهه ضلعو مٽياري (2) وديا عمر 04 سال (3) عيان عمر 2/1 2 سال (4) آيوش عمر 2/1 1، سال سڀ پٽ ڌيئرون وسيم ..مائنر ..پلينٽف ...بخلاف..وسيم ولد انور هندو بالغ هندو ذات اوڊ رهندڙ ضيا ڪالوني نزد ڪرن اسپتال ڪراچي ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

بقايا 1 روزاني عبرت

طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي اقبال ولد محمد حنيف مٽياري سول اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو. پوليس موجب ضروري قانوني ڪارروائي بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف اسٽيشن روڊ تي رات جي وقت ٿيندڙ حادثن تي علائقي واسين ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته روڊ تي ڪڏهن

ڪورٽ نوٽيس

هائي ڪورٽ آف سنڌ سرڪٽ ڪورٽ ميرپورخاص
سيڪنڊ اپيل S-10 سال 2026

محمد عمران ۽ ٻيا.. اپيلانٽس..بخلاف.. احمد علي ۽ ٻيا.. ريسپونڊنٽس (1) احمد علي ولد الله رکيو ذات شر عربي استاد گورنمينٽ اسلامڪ هائي اسڪول ڪپرو ضلعو سانگهڙ (2) عبدالرشيد ولد بشير احمد ذات آرائين ڪاروبار موٽر سائيڪل شوروم هولڊر سامهون غفار پيٽروليم سروس ڪپرو ضلعو سانگهڙ (3) شاڪر

بقايا 30 روزاني عبرت

چيو ته اٽو 170 کان175 ٿي ويو آهي ۽ حڪومت اٽي جو ريٽ جي اڳهن تي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪي نظرانداز ڪندي چڪي مالڪن تي زبردستي سرڪاري اگهه مڙهڻ ۽ سيل ڪرڻ

بقايا 20 روزاني عبرت

ڏينهن اڳ مذڪوره ماڻهون هٿيارن ڪٺي مون ڪي مارڻ آيا ملڪيت جي ڪري پٽ ۽ سندن ماما جن جا ويري ٻڌجي ويا آهن

ISO-9001:2015 Certified

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي

جامشورو-76062، سنڌ، پاڪستان فون / فيڪس نمبر: 2771403-22 92+

اي ميل: nadeem.soomro@admin.muet.edu.pk

ڪرپشن کان انڪار

DEPUTY DIRECTOR (Procurement)

No. & Dated: DD(Proc.)/MUET/JAM/-117, 07-10-2026

ٽينڊر جي لاءِ عام دعوت

سڀني اهل ٺيڪيدارن، فرمن، ادارن، سپلائرن، مينوفيڪچررز ۽ واحد مجاز ڊسٽريبيوٽرز، جيڪي مقرر ڪيل اهليت جي معيار تي پورو لهن ٿا، کي هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ مڪمل ڪم يا آئٽم ريٽ جي بنياد تي ٽينڊر ۾ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي. لاڳاپيل ضابطن جي مطابق واڪ ڏيندڙن جي لاءِ انڪم ٽيڪس جي سلسلي ۾ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۽ سيلز ٽيڪس جي لاءِ لاڳاپيل ادارن وٽ رجسٽرڊ هجڻ ۽ فعال ٽيڪس ڏيندڙ (Taxpayers Active) جي حيثيت رکڻ ضروري آهي. اهڙي طرح ڪمن ۽ خدمتن (Works & Services) جي خريداري جي صورت ۾ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان گڏ رجسٽريشن ۽ فعال ٽيڪس ڏيندڙ هجڻ لازمي آهي. جتي ضروري هجي هجي، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ رجسٽريشن به ضروري آهي. وڌيڪ واڪ ڏيندڙ ڪنهن به سرڪاري يا پروڪيورنگ ايجنسيءَ طرفان بليڪ لسٽ ٿيل نه هجي.

S#	Name of Work	Estimated Cost	Tender Fee	Completion Time	Earnest Money @ 5%	Date of issuance	Date of Submission of Bids	Purchase From
1.	Construction of Interconnect-ing road from Shaikh Abdul Majeed Sindhi Hostel towards the newly constructed 150 Boys Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 23.064 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 1.1532 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 10.30 A.M	SPPRA EPADS
2.	Construction of approach road of New 150 Girls Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 15.807 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.790 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 11.00 A.M	SPPRA EPADS
3.	Construction of Boundary Wall of New 150 Girls Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 15.654 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.7827 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 11.30 A.M	SPPRA EPADS
4.	Replacement of overhead line with underground cable LT of 95 mm^2 from Mechatronics Department & Workshop at MUET, Jamshoro.	Rs. 24.598 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 1.2299 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 12.00 Noon	SPPRA EPADS
5.	Replacement of main drainage line of old Girls Hostels and Senior Staff Residence Colony i/c manholes at MUET, Jamshoro.	Rs. 13.248 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.6624 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 12.30 P.M.	SPPRA EPADS
6.	Providing & Laying of 11 KV HT Cable, LT Cable & 100 KVA Pad Mount Transformer for Squash Court Building at MUET, Jamshoro.	Rs. 17.200 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.860 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 01.00 P.M	SPPRA EPADS
7.	Interior partitioning and basic infrastructure development of the National Center of Nanoscience and Nanotech-nology (NCNN) at MUET, Jamshoro	Rs. 2.628 (M)	5000/-	02 Months	Rs. 0.1314 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 01:30 P.M	SPPRA EPADS

شرط ۽ ضابطا هيٺ ڏجن ٿا:

1. قاعدن ۽ ضابطن موجب تيار ڪيل اليڪٽرانڪ آڇ (E-Bidding) جا دستاويز جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪل وضاحتون ۽ ٻيون ضروري گهرجون شامل آهن، رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي اليڪٽرانڪ پروڪيورمينٽ اينڊ آڪشن سسٽم (EPADS) جي پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ ۽ يونيورسٽي جي ويب سائيٽ https://www.muet.edu.pk/tender-notices تان، مٿي ڄاڻايل ناقابلِ واپسي مقرر ٿيل في جي ادائيگي کان پوءِ، ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن کان سواءِ ڪنهن به آفيس وقت حاصل ڪري سگهجن ٿا. مقرر ڪيل ٽينڊر في ۽ تخميني رقم جي 5 سيڪڙو جي برابر بڊ سيڪيورٽيءَ جا اصل پي آرڊر/ڊي ڊي، جيڪي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ طرفان جاري ڪيل هجن، ڊائريڪٽر (پروڪيورمينٽ)، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، جامشورو جي نالي تي، آڇون کولڻ کان اڳ سنڌس آفيس ۾ لازمي طور جمع ڪرائڻا پوندا.
2. اليڪٽرانڪ آڇون مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت تائين EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي هوندو، جيئن مٿي ڏنل جدول ۾ ڄاڻايل آهي. هٿرادو آڇون (Manual Bids) ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. اليڪٽرانڪ آڇون هيٺين شيڊيول موجب، ان وقت موجود واڪ ڏيندڙن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون:
   - سيريل نمبر 1: 28-10-2026، صبح جو 11:00 وڳي، سيريل نمبر 2: 28-10-2026، صبح جو 11:30 وڳي، سيريل نمبر 3: 28-10-2026، منجهند جو 12:00 وڳي، سيريل نمبر 4: 28-10-2026، منجهند جو 12:30 وڳي، سيريل نمبر 5: 28-10-2026، منجهند جو 01:00 وڳي، سيريل نمبر 6: 28-10-2026، منجهند جو 01:30 وڳي، سيريل نمبر 7: 28-10-2026، منجهند جو 02:00 وڳي. جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر صورتحال سبب ٽينڊر کولڻ جي مقرر ڪيل تاريخ تي آفيس بند هجي يا حڪومت طرفان عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا. اهڙي ڪا به شرطيه آڇ يا اهڙي آڇ جنهن سان مقرر ڪيل سوئي رقم (Earnest Money) شامل نه هجي، مقابلي لاءِ قابلِ قبول نه هوندي.
3. خريداريءَ جو طريقيڪار هڪ مرحلي تي هڪ لفافي پروڪيورمينٽ هوندو
4. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته انهن وٽ ڪنهن يونيورسٽي يا اداري ۾ ساڳئي نوعيت جون خدمتون فراهم ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ پنجن (05) سالن جو تجربو هجي.
5. واڪ ڏيندڙن لاءِ لاڳاپيل ٽيڪس وصول ڪندڙ ادارن وٽ رجسٽرڊ هجڻ ضروري آهي. ان رجسٽريشن جي تصديق لاڳاپيل ادارن کان ڪئي ويندي.
6. واڪ ڏيندڙ ڪنهن به خريداري ڪندڙ اداري طرفان بليڪ لسٽ ٿيل نه هجي. ان سلسلي ۾ حلف نامو (Affidavit) جمع ڪرائڻ لازمي هوندو
7. واڪ ڏيندڙن لاءِ گذريل پنجن (05) سالن جي گهٽ ۾ گهٽ ساليانو ڪاروباري ٽرن اوور هيٺينءَ ريت هجڻ ضروري آهي، جنهن جي تصديق بينڪ اسٽيٽمينٽ ذريعي ڪئي ويندي:
   - سيريل نمبر 1: 25.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 2 ۽ 3: 16.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 4: 25.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 5: 14.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 6: 18.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 7: 03.000 ملين رپيا. واڪ ڏيندڙن لاءِ لاڳاپيل بينڪ طرفان جاري ڪيل ساليانو ڪاروباري ٽرن اوور جو سرٽيفڪيٽ پڻ گڏ ڪرڻ لازمي هوندو.
8. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ڪيل ترميمن سميت) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. ان کان علاوه، ڄاڻايل قاعدن جي رول 25 (Rule 25) تحت ڪنهن به آڇ يا تجويز جي منظوريءَ کان اڳ ڪنهن به وقت خريداريءَ جو عمل رد ڪري سگهجي ٿو.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (پروڪيورمينٽ)، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، جامشورو
فون نمبر: 2109010-022 فيڪس: 2771403-022
اي ميل: nadeem.soomro@admin.muet.edu.pk

PID(H) 102/2026

اوڏيرولال پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل شخص کي ٽڪر، هڪ فوت، ٻيو زخمي

ڳوٺ ابوبڪر موروجا اسٽاپ پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل ويندڙ سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ اقبال ولد محمد حنيف ۽ غلام حسين مورروجو سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي اقبال دم ڏئي حوالي ڪيو

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل شخص کي ٽڪر ۾ جڏهن سخت زخمي، هڪ زخمي اسپتال ۾ فوت اوڏيرولال وليج ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ابوبڪر مورروجا اسٽاپ پرسان رات جي وقت اڏيرولعل اسٽيشن کان ايندڙ موٽرسائيڪل سوار نوجوان اقبال ولد محمد حنيف، جيڪو لودرا جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي، پٺيان کان پيادل ويندڙ غلام حسين مورروجو کي ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

فريدآباد ۾ استادن جي ڪوٽ ۽ تعليمي مسئلن خلاف شهرين جو ٽئين ڏينهن به احتجاج

گرلز هاءِ اسڪول ۾ ٽيچنگ ۽ غير تدريسي عملي جي ڪوٽ خلاف مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

اعليٰ اختيارين اسڪولن ۾ استادن جي بدلين، ايس ايم سي فنڊن جي جاچ ڪرائين:مظاهرين

فريدآباد(ن ع) فريدآباد تعليمي ادارن ۾ استادن جي ڪوٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ ٽيچرس عملي جي ڪوٽ ايس ايم سي فنڊن جي جاچ ڊي او ۽ ٽي او آفيسرن جي تعليم دشمن پاليسين خلاف شهرين جو ٽئين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو دڪاندار ايسوسيئشن جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

فريدآباد ۾ رياض خاصخيلي ۽ ظفر چانڊيو جي بازيابي لاءِ 52 ڏينهن به بک هڙتال

رياض کي گمشده ٿيندي 52 ڏينهن ۽ ظفر چانڊيو کي 7 سال گذري ويا آهن: وارث

سياسي سماجي اڳواڻن ۽ وارثن جي سخت نعريبازي، ٻنهي نوجوانن کي ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو مطالبو

فريدآباد(ن ع) فريدآباد واسي هوٽل مزدور رياض خاصخيلي ۽ نوجوان ظفر چانڊيو جي جبري گمشدگي خلاف وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن آدرش خاصخيلي، بلاول خاصخيلي، عارف خاصخيلي، احسان خاصخيلي، افضل خاصخيلي، اعجاز خاصخيلي ۽ ٻين 52 ڏينهن بک هڙتالي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شيخ عزيز پنهنجي زندگيءَ ۾ صحافت خاطر تڪليفون ڏنيون پر پنهنجي مقصد کان نه هٽيو: پير مظهر

شيخ عزيز منهنجو استاد هو، هن مون کي صحافت سيکاري ۽ ٻيو جڏهن سياست ۾ آيس ته ڪافي معاملن سانئس صلاح مشورا ڪندو هئس

موسيقيءَ کان وٺي ثقافتي رانديون تائين شيخ عزيز هر موضوع جي ڄاڻ رکندڙ هو اهڙا ذهين ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن: مهتاب راشدي

شيخ عزيز جنگ اخبار ۾ مهراڻ رنگ صفحو شروع ڪيو ۽ سنڌ سان تعلق رکندڙ مختلف موضوع ڪمرت سان اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ لڳا: محمود شام

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جي ليجنڊ صحافي شيخ عزيز جي اٺين ورسي ڪراچي پريس ڪلب پاران ڀرپور نموني ملهائي وئي، جنهن کي علمي ادبي ۽ سياسي شخصيتن خطاب ڪندي شيخ عزيز جي زندگيءَ ۽ صحافتي خدمتن روشني وڌي ان موقعي تي شيخ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: اڳوڻو صوبائي وزير پير مظهر الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻي جو مبينا نافرمان پٽ ۽ سالن جي زيادتين خلاف احتجاج

تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي امام بخش خاصخيلي نافرمان پٽ ۽ سالن جي ڏاڍاين خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڳوٺاڻي امام بخش خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته منهنجي پٽ عبدالقدوس ۽ سندس سامن سڪندر، هادي بخش، رفيق خاصخيلي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي منهنجي پٽ سامن جي چرچ تي اچي سون خلاف پاڻين ۽ پاڻين خلاف ڪوڙا

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور: وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ ناصر شاهه مير مهدي ٽاليرسان تعزيت ڪندي

خانپور مهر ويجهو ٽريڪٽر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر نينگر فوت

ملڙي مائينر وٽ حادثي جي نتيجي ۾ نينگر حسنين ملڪ سخت زخمي ٿي پيو

خانپورمهر (ن. ع) خانپور مهر ويجهو ملڙي مائينر وٽ ٽريڪٽر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ نينگر حسنين ملڪ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خداآباد ۾ 40 ايڪڙ زرعي زمين جي تڪرار تان ٽن ڄڻن تي حملو، احتجاج

ڳوٺ گل محمد ورياسو ۾ حملي ۾ عزيز ملاح، بلاول ۽ محمد ايوب زخمي ٿي پيا

محمد حسن ملاح ۽ ٻين زمين تي قبضي جي ڪوشش، حملو ڪري زخمي ڪيو:مظاهرين

خداآباد ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو پر پوليس جوابدار گرفتار نه ڪيا، انصاف ڪيو وڃي

دادو(د-ر) خداآباد جي ڳوٺ گل محمد ورياسو ۾ زمين تي تڪرار تان هٿيار بندن حملو ڪري 3 ڄڻن عزيز ملاح، بلاول ۽ محمد ايوب ملاح کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جوابدارن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ تي زخمين ۽ انهن جي وارثن احتجاج ڪيو آهي عزيز ملاح، بلاول ۽ محمد ايوب ملاح دادو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ صحافي عبدالرحمان قمبراڻي ۽ سندس پاڙن کي مبينا ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج

شفيق قمبراڻي تي فائرنگ واقعي بعد خاندان کي هراسان ڪرڻ خلاف صحافي اتحاد جي سڏ تي مظاهرو

جوابدارن جي ضمانت رد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ دٻاءُ ۽ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن:مظاهرين

ميهڙ(ن ع) نيشنل پريس ڪلب ميهڙ جي صدر عبدالرحمن قمبراڻي جي ڀاءُ شفيق الرحمان قمبراڻي تي حملو ڪري ڪيس گوليون هڻي زخمي ڪرڻ واري واقعي بعد صحافي عبدالرحمن قمبراڻي ۽ سندس پاڙن کي هراسان ڪرڻ ۽ ٻاڻو ماڻهن پاران ڌمڪيون ڏيڻ خلاف صحافي اتحاد ميهڙ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ صحافي جي ڀاءُ کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ٽن هٿياربند ڦورن رستم علي پنهور کي يرغمال بڻايو

هٿياربندن ڦورو موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار، اطلاع باوجود پوليس ڪارروائي نه ڪئي

دادو(د-ر) دادو ۾ بدامني جو راڄ، پوليس ڌوهارين جي آڏو بيوس بڻيل ڏينهن ڏٺي جو دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري جي ڀاءُ کان موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر تفصيل موجب دادو ۾ پوليس جي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ سان لاتعلقي جي نتيجي ۾ شهر ڌوهارين جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: پير وسان لڳ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهي

شادي لارج جو ناميارو زميندار اڳوڻو صوبائي صلاحڪار طارق عباس خان نيازي لاڏاڻو ڪري ويو

شادي لارج (ن ع) شادي لارج جو ناميارو زميندار اڳوڻو صوبائي صلاحڪار طارق عباس خان نيازي لاڏاڻو ڪري ويو.شادي لارج نيازي اسٽيٽ جو مالڪ ناميارو زميندار ملڪ ۾ ڀهرين پيرواي سي ڪوچ معتارف ڪرائيندڙ سنڌ پنجاب بلو لائنز بس ڪمپني جو ٽرانسپورٽر سابق وزير اعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه جي دور ۾ صوبائي صلاحڪار طارق عباس خان نيازي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس وفات جي خبر ملندي ئي شادي لارج نيازي فارم ايف ايف آر چڪ ۾ سندس رهائش گاهه تي سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو مرحوم جا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه لطيف سرڪار جي راڳي يعقوب فقير شهيد جي ورسي ملهائي وئي

درگاهه پٽائي تان ريلي جي صورت ۾ مزار تي پهچي چادر چاڙهي دعا گهري وئي

ورسي جي موقعي تي فقيرن ۽ مقامي فنڪارن صوفياڻا ڪلام پيش ڪري پيغام ڏنو

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه ۾ شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳي يعقوب فقير شهيد جي ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي، ورسي جي موقعي تي هر سال جيان شاهه لطيف جي درگاهه تان چادر ڪٽي ريلي جي صورت ۾ يعقوب فقير شهيد جي مزار تي پهچي پير

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ نوجوان جي گرفتاري خلاف عورتن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس عبدالغفار بروهي کي بيگناهه گرفتار ڪري لاڪ اپ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي:امڙ

مخالف ڌر جي مبينا چرچ تي پوليس سندن نوجوان خلاف ڪارروائي ڪئي، نوٽيس ورتو وڃي

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ۾ پوليس طرفان نوجوان عبدالغفار بروهي کي مبينا ڏوهاري قرار ڏئي گرفتار ڪرڻ خلاف سندس وارث عورتن پاڪ ڪتاب کڻي راڌڻ ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ عورتن پوليس جي ڪارروائي تي سخت ڇنڊ ڇاڻ ظاهر ڪندي نوجوان کي بيگناهه

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ جو حيدرآباد کان نڪتل پيادل مارچ ٺٽو محمد خان پهتو

ايوبيا اسٽاپ تي سنڌ يونائيٽيڊ ۽ ايس ٽي پي اڳواڻن پاران لانگ مارچ قافلي جو شاندار استقبال

ايس بي ايس سي جي امتحاني نظام ۾ بي ضابطگين ۽ ناانصافين خلاف جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ٽنڊو محمد خان/ بلڙي شاهه ڪريم (نمائندن وڪان) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ پاران ميرٽ جي لتاڙ خلاف نڪتل قافلو ايوبيا اسٽاپ پهتو جتي سنڌ يونائيٽيڊ ۽ سنڌ ترقي پسندپارٽي، اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري، لالا بخش سليو، اقبال حاجاجاڻو عمران لغاري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مسوڙي ۽ ساريالي فصل جا اگهه ڪري پيا، آبادگار معاشي بحران جو شڪار

مهانگا ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائون، ڊيزل ۽ مزدوريءَ جا خرچ ٻيڻا ۽ فصل جا اگهه سستا، خرچ به نٿو نڪري:مظاهرين

آبادڪارن جو زراعت کاتي جي ڪارڪردگيءَ تي اعتراض، خريداريءَ نظام جي نگراني ۽ مناسب اگهه ڏيارڻ جو مطالبو

سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير زراعت کان ساريالي فصل جي اگهن ۾ لاٽ جو نوٽيس وٺڻ جي اپيل

مسوڙي (رپورٽ:غلام قادر وسير) مسوڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ساريالي فصل لهڻ شرط ئي اگهن ۾ لاٽ اچڻ سبب آبادگارن جي چيلهه چبي ٿي وئي آهي جڏهن ته فصل تي لکين رپيا خرچ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ معصوم ٻار سميت چار ڄڻا فوت

فقيرا ڳوٺ لڳ مومن محلي ۾ گهٽي نمبر 21 سالن جي ڪچري جي ڪنڊي مان 30 _ 35 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

چنڪي منڪي جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 4 سالن جو معصوم ٻارڙو ارحم ولد ڪامران فوت ٿي ويو

زير تعمير بي ايس آر پمپ جي ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 45 سالن جو ربنواز ولد محمد يار فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ معصوم ٻار سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪالهه سائٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي جي ويجهو فقيرا ڳوٺ لڳ مومن محلي ۾ گهٽي نمبر 21 سالن جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: لانگ مارچ ڪندڙ شاگرد ميڊياسان ڳالهائي رهيا آهن

بجلي جي ڪنبي تان ڪرڻ سبب 8 سالن کان بستري تي پيل واپڊا ملازم بي يارو مددگار

ڳوٺ صديق ساند جو رهواسي خدا بخش ساند ريڙهه جي هڏي ٽٽڻ سبب هلڻ ڦرڻ کان لاچار

2017ع کان 2021ع تائين پگهار ملندي رهي، بعد ۾ بند ڪئي وئي گهر ۾ ڪمائڻ وارو بيو ڪير ناهي: خدا بخش

ڊپٽي ڪمشنر، چيئرمين نمائندن ۽ واپڊا اختيارين کان ويل چيئر ۽ علاج لاءِ سهائتا جي اپيل

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ۾ تعلقي چمبڙ جي ڳوٺ صديق ساند جو رهواسي 40 ورهين جو خدا بخش ساند بجلي جي ڪنبي تان ڪرڻ بعد 8 سالن کان ڪٽ تي بي يارو مددگار بڻيل . ڪنهن به سار نه لڌي خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ صديق ساند جو رهواسي 40 ورهين جو خدا بخش ساند واپڊا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، هڪ زخمي

ڪنري روڊ تي ٿرپارڪر يونيورسٽي پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ 14 ورهين جو اشوڪ جوڳي فوت، ڪامران شاهاڻي زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، نازڪ حالت سبب زخمي حيدرآباد ريفر

عمرڪوٽ (د. ر) عمرڪوٽ جي ڪنري روڊ تي ٿرپارڪر يونيورسٽي پرسان ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ عمرڪوٽ واسي 14 ورهين جو اشوڪ ولد گوبچند جوڳي فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٻن مختلف حادثن ۾ فوت ٿي ويل هڪ نوجوان جو لاش ۽ ٻن جا فائيل فوٽو

ڪوٽ غلام محمد ۾ ٻن ورهين جي نينگري پاڻيءَ هوڙ ۾ ٻڏي فوت

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد جي اسٽيشن پاڙي ۾ رهندڙ لال چند ڪولهيءَ جي ٻن ورهين جي نينگري گيانشري ڪولهي گهر اندر راند ڪيڏندي پاڻيءَ جي هوڙ ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي وارث نينگريءَ کي خانگي اسپتال کڻي ويا، جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي کان پوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڪلوئي ۾ ايم پي اي سريندر ولاسائي جي مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري

سريندر هائوس ڪلوئي ۾ عوام سان ملاقات، مختلف مسئلن بابت شڪايتون ٻڌيون

عوام کي بنيادي سهولتون ڏيارڻ خاطر ڪوششون ڪري رهيو آهيان:سريندر ولاسائي

ملي (د-ر) بلاول هائوس ڪراچي جي ميڊيا ترجمان ۽ ايم پي اي سريندر ولاسائي ڪلوئي ۾ سريندر هائوس عوام سان کليل ڪچهري منعقد ڪري عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرائڻ جو پڻ يقين ڏياريندي چيو ته آئون بنا ڪنهن فرق جي ٿري عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ يقين رکان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف اڄ حيدرآباد ۾ آل سنڌ قومي ڪانفرنس

ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ ڪانفرنس ٿيندي، نثار احمد کهڙو سميت اهم اڳواڻ شرڪت ڪندا

اياز لطيف پليجو، ثناءُ الله بلوچ، شاهه سيد، اسد عمر، عمران اسماعيل ۽ صدرالدين شاهه راشدي جي شرڪت جو امڪان

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ميزباني هيٺ اڄ حيدرآباد ۾ سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف سنڌ آل سنڌ قومي ڪانفرنس ٿيندي، پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو جي اڳواڻي ۾ ايم پي ايز جو وفد، اياز لطيف پليجو اسد عمر شاهي سيد، عمران اسماعيل، سيد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ شريف جا سمورا ترقياتي منصوبا 30 ڊسمبر تائين مڪمل ڪيا وڃن: ڊي سي ڄامشورو

درگاهه لعل شهباز قلندر جي مرمتي ۽ بحاليءَ جا ڪم عرس کان اڳ مڪمل ڪيا وڃن

گئس پائيپ لائين، فائبر آپٽڪ ڪيبل ۽ بجليءَ جي لڳنڊيل تارن جا مسئلا ترت حل ڪرڻ جون هدايتون

ڪوٽڙي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو آهي ته سيوهڻ شريف ۾ جاري سمورن ترقياتي منصوبن کي 30 ڊسمبر تائين مڪمل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن کي واضح هدايتون ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته حضرت لعل شهباز قلندر رح جي سالياني عرس مبارڪ کان اڳ ترقياتي ڪمن جي تڪميل ۽ زائرين توڙي مقامي شهرين لاءِ بهتر سهولتن جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ذهني بيماريءَ کي داغ نه سمجهيو وڃي، پريشان ماڻهن کي سهارو ڏيو: قرة العين شاهه

تعليمي دٻاءُ، گهريلو ناچاقي، معاشي تنگدستي ۽ سوشل ميڊيا جو منفي استعمال مايوسي وڌائي ٿو

وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ۾ متاثر عورتن لاءِ ڪائونسلنگ جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) عالمي ذهني صحت جي ڏينهن جي موقعي تي انچارج / ماهر نفسيات وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ضلعو ڄامشورو سيده قرة العين شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ذهني صحت رڳو هڪ طبي اصطلاح ناهي پر انساني

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد پريس ڪلب ۾ امداد اوڍي جي ڪتاب "ڌرتيءَ ماءُ جو سڏ" جي مهورتي تقريب

امداد اوڍو جي صحافت عام ماڻهو، عورتن، پورهيتن ۽ شاگردن جو آواز بڻي: حميده گهانگهرو

امداد اوڍي جي سچي زندگي سنڌ جي وحدت تي ڪمپرومائيز نه ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي:تاج مري

سنڌ جي شاگردي واري جدوجهد ۽ سنڌ جي صحافت جي تاريخ امداد اوڍي کان سواءِ اڌوري آهي: اقبال ملاح

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جديد سنڌي صحافت جي باني، سنڌ لاءِ جاڳوڙيندڙ سينيئر صحافي ۽ ناميار اديب امداد اوڍي جي تازي ڪتاب "ڌرتيءَ ماءُ جو سڏ" جي مهورتي تقريب حيدرآباد پريس ڪلب ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: امداد اوڍي جي ڪتاب جي مهورتي تقريب جو ڏيک

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻي جو مبينا نافرمان پٽ ۽ سالن جي زيادتين خلاف احتجاج

تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي امام بخش خاصخيلي نافرمان پٽ ۽ سالن جي ڏاڍاين خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڳوٺاڻي امام بخش خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته منهنجي پٽ عبدالقدوس ۽ سندس سامن سڪندر، هادي بخش، رفيق خاصخيلي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي منهنجي پٽ سامن جي چرچ تي اچي سون خلاف پاڻين ۽ پاڻين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن هن چيو ته ڪجه ڏينهن اڳ مذڪوره ماڻهون هٿيارن کڻي سون کي مارڻ آيا ملڪيت جي ڪري پٽ ۽ سندن ماما جن جا ويري بڻجي ويا آهن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راڌيڏيرو لڳ هٿياربند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

راڌيڏيرو (ن ع) راڌيڏيرو پرسان اڳڙا ٿاڻي جي حد تي ٿون ڳوٺ پٺاڻو واسي عبدالرحيم چنو گهر وڃي رهيو هيو ته گيڙو شاخ وٽان نامعلوم هٿيار بند سي ڊي موٽر سائيڪل 2025 ماڊل ٽچ موبائل فون ۽ 9 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا اڳڙا پوليس گشت ڪرڻ کان پري ڏوهه ٿيڻ جو سلسلو رڪجي ئي نه پيو

عمرڪوٽ ننڍي عمر جي شاديءَ تقريب تي وومين پوليس جو ڇاپو، گهوٽ سميت 4 ڄڻا گرفتار

وومين پوليس ڳجهي اطلاع تي جيوڻ ڪالوني ۾ ننڍي عمر جي شاديءَ جي تقريب تي ڇاپو هنيو

پوليس گهوٽ دلاور، سندس والد دين محمد، ڪنوار جي والد ڏنو سميت چئن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪارروائي دوران نڪاح پڙهائيندڙ مولوي لقمان ساند فرار، گرفتار جوابدارن کي عدالت پيش ڪيو ويندو

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ ۾ وومين پوليس ڳجهي اطلاع تي جيوڻ ڪالوني ۾ ننڍي عمر جي شاديءَ جي تقريب تي ڇاپو هڻي 13 ورهين جي ڪنوار نازيه سولنگيءَ جو 15 ورهين جي گهوٽ دلاور سان نڪاح

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ نفسيات جا مريض روزانو وڌي رهيا آهن هر گهر ۾ ڊپريشن جو مريض آهي: ماهر ڊاڪٽر

غربت ۽ معاشي مسئلن سبب ڊپريشن وڌي رهيو آهي، نفسياتي علاج کي عيب نه سمجهيو وڃي

سر ڪائوسجي انسٽيٽيوٽ آف سائڪيٽري گدو اسپتال ۾ روزانو 600 مريضن جو علاج ڪيو وڃي ٿو

حيدرآباد ۾ نفسيات جي عالمي ڏينهن تي آگاهي واڪ ۽ تقريب، ذهني صحت جي سهولتن کي وڌائڻ تي زور

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد جي سرڪائوسجي انسٽيٽيوٽ آف سائڪيٽري گدو اسپتال جي ماهر ڊاڪٽرن چيو آهي ته سنڌ ۾ نفسيات جا مريض روزانو وڌي رهيا آهن هر گهر ۾ ڊپريشن جو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سرڪائوس جي انسٽيٽيوٽ ۾ ٿيل تقريب ۾ ورتل تصويرون

UNIVERSITY OF KARACHI

In Pursuance of Excellence

BS (1st Year) & BS (3rd Year intake) ON-LINE ADMISSIONS 2027
MORNING PROGRAMME (Open Merit Basis)

The **UNIVERSITY OF KARACHI** is a prominent international institution of higher learning and quality education accessible to all sections of the society. The **University** offers a vibrant academic environment which provides a focal point for research and creativity, contributing to the success and prosperity of the nation.

ON-LINE Applications are invited for **ADMISSION** in the following Programmes on the basis of the **MARKS** obtained in the **PREREQUISITE EXAMINATION**

BS 4-YEAR PROGRAMME On the basis of INTERMEDIATE

- Actuarial Sciences & Risk Management
- Agriculture
- Arabic
- Audiology & Speech-Language Pathology
- Bengali
- Biochemistry
- Botany
- Chemistry
- Criminology
- BS Chinese (2+2) Split Programme
- Computational Mathematics
- Digital Media Marketing
- Economics
- Economics & Finance (BSEF)
- English
- Financial Mathematics
- Genetics
- Geography
- Geology
- Health, Physical Education & Sports Sciences
- History
- Islamic History
- Islamic Learning
- Library & Information Science
- Marine Science
- Mathematics
- Microbiology
- Pakistan Studies
- Persian
- Philosophy
- Physics
- Physiology
- Political Science
- Psychology
- Public Health
- Poultry Science
- Petroleum Technology
- Quran & Sunnah
- School of Law LL.B. (4 Years) (LAT (HEC) with at least 50% marks required)
- Sindhi
- Social Work
- Sociology
- Space Science & Technology
- Statistics
- Special Education
- Sports Business Management
- Urdu
- Usool ud Din
- Women's Studies
- Zoology

BS (3rd Year intake) 2-YEAR PROGRAMME On the basis of GRADUATION

- Applied Chemistry & Chemical Technology
- Arabic
- Bengali
- Biochemistry
- Biotechnology
- Botany
- Business Administration
- Chemistry
- Commerce
- Computer Science
- Criminology
- Economics
- Economics & Finance (BSEF)
- Education
- English
- Environmental Studies
- Genetics
- Geography
- Geology
- Health, Physical Education & Sports Sciences
- History
- International Relations
- Islamic History
- Islamic Learning
- Library & Information Science
- Mass Communication
- Mathematics
- Microbiology
- Marine Science
- Pakistan Studies
- Persian
- Philosophy
- Physics
- Political Science
- Psychology
- Public Administration
- Quran & Sunnah
- Sindhi
- Social Work
- Sociology
- Space Science & Technology
- Special Education
- Statistics
- Teacher Education B.Ed. (H)
- Urdu
- Usool ud Din
- Women's Studies
- Zoology

- Applicants seeking Admission on the basis of **Certificates / Degrees** other than those awarded by **Public Sector Boards** or **Universities of Pakistan**, MUST submit the **Equivalence Certificate**, issued by the **Equivalence Committee** of the **University of Karachi** (for Bachelors Level Degrees / Certificates) / **Inter Boards Coordination Commission (IBCC)** for Intermediate / A Level Certificates, at least **Three (3) Days** before Announcement of the Admission List.
- **Grace/Condonation Marks** or **Division/Grade** raised marks will **NOT** be considered.
- All those Candidates who submitted **Test Based Admission** Forms earlier, are also Eligible to apply for **Open Merit Programmes** after fulfilling all the requirements, including the **Open Merit Form Processing Fee** submission.

Note: Details regarding the **Admission Policy, Eligibility Requirements** for the Specific Departments and **Number of Seats** can be seen in the **ADMISSION PROSPECTUS-2027**, available at **www.uokadmission.edu.pk**

Candidates awaiting their **Pre-Requisite Results** can also apply at their **Own Risk.** However, they have to submit their Results at least **3 Days prior to the Date of Announcement of the Admission List.**

Candidates can fill in and submit the Admission Forms (with **Scanned Copies** of the required **Documents)** through the **ONLINE ADMISSION PORTAL (www.uokadmission.edu.pk)** of the **University** from **OCTOBER 12, 2026** to **OCTOBER 21, 2026.**

Admission Form Processing Fee: Rs. 5000/- must be paid through the prescribed payment method using the Kuickpay **ID** generated through the **Admission Portal**, before the final **submission of the Admission Form**. (if an applicant has already submitted one **Admission Form**, the **processing fee for submitting a second admission form for another programme will be Rs 3000/-**).

For further information, please contact:
ADMISSION OFFICE, Tel: (021) **9926 1300-07,** Ext: **2479**
Direct: (021) **9926 1376,** Email: **admissions@uok.edu.pk**

REGISTRAR

سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي برادري سنڌ ۽ قوميت جي ورهاست برداشت نه ڪندي: سيف الرحمان

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي برادري مزاحمت ڪندي

اسان جي اڳواڻن پنهنجون جانيون قربان ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي برادري سنڌ خلاف فيصلا نٿي ڪري سگهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي برادري ڪنهن به حالت ۾ سنڌ ۽ قوميت جي ورهاست برداشت نه ڪندي انهن هميشه اهڙن عنصرن کي دٻايو آهي ۽ مستقبل ۾ به ائين ڪندا رهندا. جيڪڏهن سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪري سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال پرسان مبينا اغوا ٿيل ناري خيرپور ميرس مان بازياب

پوليس خوفيا اطلاع تي ڳوٺ وڏا پنهيار ۾ ڪارروائي ڪري ناري کي بازياب ڪرايو

بازياب ٿيل ناري کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، ناري پاران مائٽن سان وڃڻ جو بيان رڪارڊ

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال پرسان شاهپور ٿاڻي جي حد مان 4 مهينا اڳ مبينا اغوا ٿيل ناري خيرپور ميرس مان بازياب ايس ايڇ او شاهپور نظام الدين شيخ چيو ته اسان پنهنجي پوليس ٽيم جنهن ۾ رسول بخش ڪانهڙيو خادم حسين زرداري سان گڏ خيرپور ميرس جي ڳوٺ وڏا پنهيار ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ اٽي چڪيون بند، مهانگي ڪڻڪ خلاف چڪي مالڪن جي هڙتال

انتظاميا پاران اٽي جو اگهه 140 رپيا مقرر ڪرڻ غير مناسب آهي: چڪي مالڪ

سرڪاري سستي ڪڻڪ جي فراهمي ڪانسواءِ ڏنڊ ۽ ڪارروايون ناانصافي آهن

منصفاڻا اگهه مقرر ڪري سستي سرڪاري ڪڻڪ فراهم ڪئي وڃي، ٻي صورت ڪاروبار هلائڻ ڏکيو آهي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ اٽي چڪي ايسوسيئشن پاران واپاري ايسوسي ايشن اسلام ڪوٽ ڪلديپ پاروائي جي اڳواڻي ۾ وحشي ڪمان اشوڪ ڪمان دولت رام، پيرومل، پريم مڪي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ضلعي ٿرپارڪر انتظاميا پاران مارڪيٽ جي اگهن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي جي مختلف شهرن ۾ اٽي جا ريٽ چڙهڻ خلاف احتجاجي مظاهرا

صوڀوديرو، ڪوٽ ڏيجي، گمبٽ ۽ ٻين شهرن ۾ ڌار ڌار مظاهرا ڪري نعريبازي ڪئي وئي

حڪمران ۽ انتظاميا نوٽيس وٺي اٽي جي ريٽن تي ڪنٽرول ڪري غريبن کي رليف فراهم ڪن

خيرپور(د ر) اٽي جا ريٽ چڙهڻ جي ڪري صوڀوديرو ڪوٽ ڏيجي ۽ گمبٽ ۾ ڌار ڌار مظاهرا مظاهري کي خطاب ڪندي هنگورجن ۾ غلام علي ڪاتوري، الهورايو پنهور ڪوٽ ڏيجي ۾ حسن رضا پنهور عرفان چانڊيو ۽ گمبٽ ۾ مريد عباس،اسد الله ناريجو ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۽ ڀرپاسي ناياب ٻازن جو شڪار بند نه ٿيو ديارن جون صحافين کي ڌمڪيون

ڪراچي کان شڪار لاءِ آيل ديارن جون فوٽيج ٺاهڻ تان صحافين کي ڌمڪيون ڏنيون

نوٽيس وٺي ناياب ٻازن جي غيرقانوني واپار کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن: رهواسي

ڪيرو (ن ع) چوٽياريون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ناياب ٻازن جي شڪار ۽ خريد و فروخت جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو جڏهن ته ناياب پکين کي ڳرين رقمن عيوض خريد ڪري مختلف ملڪن ڏانهن موڪلڻ جا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر سليم جٽ تي قاتلاڻي حملي جو نبيرو 80 لک ڏنڊ مقرر

ٻيراٽي هائوس ۾ پ پ سينيٽر قرت العين مري جي سرپرستي هيٺ نبيرو ڪيو ويو

فيصلي دوران ڏوهي ڌر تي علاج تي خرچ جا 80 لک روپيا ڏنڊ مقرري بعد ڏريون ڪير ڪنديون

ڪيرو (ن ع) ڪجه سٽ مهينا اڳ ڪيروجي ڪاهي بس اسٽينڊ تي گوليون هڻي زخمي ڪيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر نائب صدر ڊاڪٽر محمد سليم جٽ تي قاتلاڻي حملي جو نبيرو ٻيراٽي هائوس ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

فريدآباد: استادن جي ڪوٽ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.